Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان

روزاني
پاڪ
ڪراچي

ABC CERTIFIED

website:www.dailypak.net

TM-Reg:465078

جلد:27 اربع 12 مارچ 2025ع بمطابق 11 رمضان المبارڪ 1446ھ قيمت 20 رپيا شمارو: 118

دهشتگردن جو جعفر ايڪسپريس تي حملو، مسافر يرغمال، 80 يرغمالي آزاد، 15 دهشتگرد مارجي ويا

مسافر ٽرين ڪوئيٽا کان پشاور وڃي رهي هئي ته پٽڙي تي ڌماڪو ڪيو ويو، فائرنگ ڪئي وئي، ٽرين ۾ موجود سيڪيورٽي اهلڪارن ۽ حملو ڪندڙن ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ به ٿي

سبي اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو، دهشتگردن جعفر ايڪسپريس کي سرنگهه ۾ روڪي مسافرن کي يرغمال بڻائي ڇڏيو، يرغمالين ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل

حملو ڪندڙ پرڏيهه ۾ پنهنجي سهولتڪارن سان رابطي ۾ هئا، فورسز آپريشن شروع ڪري ڇڏيو، ڪليئرنس آپريشن جاري رهندو

ڪوئيٽا (م ڊ) ڪوئيٽا کان پشاور ويندڙ جعفر ايڪسپريس تي دهشتگردن حملي ڪري مسافرن کي يرغمال بڻائي ورتو جنهن کانپوءِ سيڪيورٽي فورسز ڪليئرنس آپريشن شروع ڪري ڇڏيو ليويز اختيارين موجب، جعفر ايڪسپريس/ڏسو صفحو 3 بقايا 32

ڪئنالن واري فيصلي تي سخت خدشا آهن، پاڻي زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي: بلاول ڀٽو

درياهه جي آخري ڇيڙي تي رهندڙ ماڻهن کي حق نه ڏينداسين ته پوءِ پنهنجو ڪيس ڪيئن وڙهنداسين؟ پاڻي مسئلو سنڌ جي عوام لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال آهي

هڪ پاسي صدر جو خطاب هو ته ٻئي پاسي اپوزيشن جو رويو جيڪو سيني جي سامهون آهي، صدر وفاق جو چونڊيل آئيني عهديدار آهي، اپوزيشن کي ائين نه ڪرڻ گهرجي ها

اسان پنهنجا خدشا وزيراعظم سامهون رکيا، اميد آهي ته ڳالهيون جاري رهنديون، معيشيت بابت هاڪاري اشارا اچي رهيا آهن جيڪا معيشت لاءِ سٺي ڳالهه آهي

اسان هر اسيمبلي جي اجلاس ۾ پاڻي جي مسئلي کي آواز اٿاريندا رهيا آهيون، اهو چوڻ آهي ته پيپلزپارٽي ان معاملي تي خاموش رهي آهي نسورو ڪوڙ آهي: صحافين سان ڳالهيون

اسلام آباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد(م ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته نون ڪئنالن بابت فيصلي تي سنڌ کي سخت خدشا آهن. پاڻي جو مسئلو سنڌ جي عوام لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال آهي، ان معاملي تي گڏيل فيصلا ڪرڻ گهرجن. اسلام/ڏسو صفحو 3 بقايا 11

پاڻي مسئلي تي حڪومت جي هڪ طرفي فيصلي سان گڏ نٿا بيهي سگهون: شازيه مري

صدر پاڻي جي حوالي سان پروپيگنڊا کي ڪالهوڪي تقرير ۾ هميشه لاءِ دفن ڪري ڇڏيو

آصف زرداري جو ڪوبه سياسي دشمن ناهي، هن ڪنهن کان به سياسي انتقام ناهي ورتو

صدر آصف علي زرداري جي لاءِ پاڪستان هميشه سيني کان پهريان آهي: صحافين سان ڳالهيون

اسلام آباد:(م ڊ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ شازيه مري چيو آهي ته صدر آصف علي زرداري هميشه پاڪستان کپي جو نعرو لڳائيندو رهيو آهي. شازيه مري اسلام آباد ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته صدر آصف علي/ڏسو صفحو 3 بقايا 12

درياهه بچايو تحريڪ پاران ڇهه ڪئنال اڏڻ خلاف 14 مارچ تي سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو اعلان

نوان ڪئنالن بابت صدر جو بيان ڊرامو آهي، پ پ سچي آهي ته وفاق کان ڌار ٿئي: زين شاهه

حڪمران هوش کان ڪم وٺن ۽ نئين ڪينالن جي منصوبي کي ختم ڪري رياست کي بچائن: صفدر عباسي

سنڌ جو حق ڦريو ويو ته ايم آر ڊي کان به وڏي تحريڪ جو آغاز ٿيندو: سردار عبدالرحيم ۽ ٻين جي پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراه) درياءِ سنڌ بچايو تحريڪ جي اڳواڻن صدر آصف زرداري جي پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ ڏنل بيان کي رد ڪندي /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

KARACHI PRESS CLUB

ڪراچي پريس ڪلب ۾ ايس يو پي مرڪزي اڳواڻ زين شاهه پريس ڪانفرنس ڪندي

دهشتگردي تيزي سان گرَ ڪنيو آهي، روز جوان قربانيون پيا ڏين: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته دهشتگردي تيزي سان گرَ ڪنيو آهي، هر روز سيڪيورٽي فورسز جا آفيسر ۽ جوان قوم لاءِ/ڏسو صفحو 3 بقايا 14

مصطفيٰ عامر قتل ڪيس:ارمغان 7 ڏهاڙن جي ريمانڊ تي پوليس حوالي

ارمغان 15 ڏهاڙن کان ريمانڊ تي آهي، هاڻ چالان پيش ڪيو وڃي: وڪيل

ڪراچي(رپورٽر) دهشتگردي ٽوڙ عدالت مصطفيٰ عامر قتل ڪيس ۾ جاچ آفيسر کان پڇاڻو ڪيو ته جوابدار ڪٿي آهي؟ چا توهان رپورٽ ڪٿي/ڏسو صفحو 3 بقايا 31

پيٽرول 13 روپيا ۽ ڊيزل 11 روپيا في لٽر سستو ٿيڻ جو امڪان

اوگرا قيمتن تي نظرثاني بابت پنهنجون سفارشون تيار ڪري موڪليندي

ناڻي واري وزارت قيمتن تي نظرثاني کانپوءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪندي: ذريعا

اسلام آباد(م ڊ) عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽروليم/ڏسو صفحو 3 بقايا 30

پاڪستاني سفير نجي دوري تي هيو، جاچ هلي پئي: پرڏيهي وزارت

ڪي ڪي احسن وگن وٽ آمريڪي ويزا ۽ قانوني دستاويزات موجود هئا

سفير کي روڪڻ جي حوالي سان حڪومت جاچ ڪري رهي آهي: بيان

اسلام آباد:(م ڊ) پاڪستان جي سفير کي آمريڪا ۾/ڏسو صفحو 3 بقايا 29

سنڌ جي سرڪاري ملازمن ۽ پينشنرن کي ايڊوانس پگهار ۽ پينشن ڏيڻ جو نوٽيفڪيشن جاري

ملازمن ۾ مستقل، ڪانٽريڪٽ، ورڪ چارجڊ ۽ ڪنٽيجنٽ پيڊ ملازم شامل آهن

سنڌ حڪومت ايڊوانس پگهار جاري ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪري ڇڏيو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت عيد الفطر جي موقعي/ڏسو صفحو 3 بقايا 28

سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر اويس قادر شاهه اڄ عمري جي ادائيگي لاءِ سعودي عرب روانو ٿيندو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه 12 مارچ تي عمري جي لاءِ /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

شوگر جي مانيٽرنگ لاءِ مڪينزم تيار ڪري 6شوگرملن کي سيل ڪيو ويو آهي: ايم اورنگزيب

اسلام آباد: (م ڊ) وفاقي ناڻي وارو وزير محمد اورنگزيب چيو آهي ته ٻاهر کان کنڊ افغانستان اسمگل/ڏسو صفحو 3 بقايا 34

ڪراچي: وڏي وزير مراد علي شاهه سان صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي ملاقات ڪندي

مراد علي شاهه سان ماهيگيري ۽ لائيو اسٽاڪ جي صوبائي وزير ايم علي ملڪاڻي جي ملاقات

پولٽري، مڇي مارڻ ۽ لائيو اسٽاڪ صنعتن کي مضبوط ڪرڻو پوندو: وڏو وزير

لائيو اسٽاڪ کي مضبوط ڪرڻ سان نه رڳو معيشت مستحڪم ٿيندي پر خوشحالي به ايندي

جانورن لاءِ غير معياري کاڌ خوراڪ جي وڪري خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: صوبائي وزير کي هدايت

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراه) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد شاهه فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ ڪاتي کي /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

سنڌ جي درياهه، زمينن ۽ وسيلن تي قبضا برداشت نه ڪنداسين: اياز لطيف

جيستائين صدر ۽ وزيراعظم ڪئنالن جي خاتمي جو اعلان نه ٿا ڪن، احتجاج جاري رهندو

ڪئنال ٺهڻ سان سنڌ مڪمل سوڪهڙي جو شڪار ٿي ويندي، ڪوٽڙي بئراج جو وجود نه رهندو

زرعي انقلاب نالي سنڌ جي هزارين ايڪڙ زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن: قومي عوامي تحريڪ سربراهه

حيدرآباد (بيورو) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو ته هي دوکو آهي /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

ميهڙ لڳ نينگري سان زيادتي جي ڪوشش، دانهن تي بيدردي سان قتل، هڪ ڄڻو پوليس حراست ۾

اي سيڪشن ٿاڻي جي حد حاجن شاهه ڪالوني پرسان وحشي جوابدار ٻارڙي عظمت سوڍر کي شئي ٻهاني وٺي ويو

زيادتي جي ڪوشش دوران ٻارڙي دانهون ڪيون، جوابدار لوهي شيخن جا وار ڪري قتل ڪيو، مڙهه کي قبرستان ۾ دفنائڻ جي ڪوشش ڪئي



علائقي واسين جي ڏسڻ تي جوابدار لاش ڇڏي فرار ٿي ويو، مڙهه تعلقي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي

مڙهه گهر آڻڻ تي نينگري جي امڙ کي بيهوشي جا دورا، پوليس حاجن شاهه جي گادي نشين کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو، جاچ شروع

ميهڙ(عظيم جانوري)ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد حاجن شاهه ڪالوني لڳ 8سال ٻارڙي عظمت سوڍر سان مبينا جنسي ڏاڍائي بعد بي دردي سان قتل ٻارڙي جي والد لياقت سوڍر ٻڌائيو ته ننڍڙي حاجن شاهه قبرستان /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

PAK
Digital Media

رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقہ حنفيہ)

افطاري: بروز اربع	6 لڳي 40 منٽ
سحري: بروز خميس	5 لڳي 26 منٽ

رمضان المبارڪ سحر افطار ٽائمنگ (فقہ جعفريہ)

افطاري: بروز اربع	6 لڳي 50 منٽ
سحري: بروز خميس	5 لڳي 16 منٽ

جماعت اسلامي پاران ڪراچي کان ڪشمور تائين يومِ باب الاسلام جو ڏهاڙو ملهايو ويو

محمد بن قاسم جبر جي نظام جو خاتمو ڪري سنڌ کي امن ۽ انصاف جو مرڪز بڻايو: ڪاشف سعيد

سنڌ جو عوام محمد بن قاسم جي اهڙي ڪردار کي ڪڏهن به فراموش نٿو ڪري سگهي:مولانا اسدالله ڀٽو

محمد بن قاسم سنڌ کي اسلام جو شرف بخشيو جنهن جي روشني پوري ڏکڻ ايشيا ۾ ڦهلجي وئي: ممتاز حسين

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ طرفان 10 رمضان المبارڪ تي ڪراچي کان ڪشمور تائين يومِ باب الاسلام جو ڏهاڙو جوش ۽ جذبي /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

سنڌ سرڪار پاران مارشل آرٽ جي باني اشرف طائي جي 20 لک روپين جي مالي امداد

اسپورٽس ڊائريڪٽر اسد اسحاق اشرف طائي جي رهائشگاهه پهچي ساڻس ملاقات ڪئي

اسد اسحاق راندين واري کاتي پاران 20 لک روپين جو مالي امداد جو چيڪ ڏنو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت پاڪستان ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

ڪراچي: اسپورٽس ڊائريڪٽر اشرف طائي کي امدادي رقم جو چيڪ ڏئي رهيو آهي

سيوهڻ ۾ پروفيسرن جو تڪراري ڪئنالن خلاف ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاج

ڊاڪٽر محمد الياس ڀٽو، منظور ميمڻ، مير، گل زمان ناريجو جي اڳواڻي ۾ ڊگري ڪاليج جي دراڳيان احتجاج رڪارڊ ڪرايو

منو پاڻي ڇوڙ نه ٿيڻ ڪري ڊيلٽا تباهه پيو ٿئي، زرعي زمينن لاءِ پاڻي ناهي، پنجاب وري ڪئنال پيو ناهي: ايم الياس ڀٽو

سنڌ ۽ سنڌين جو معاشي قتل عام بند نه ڪيو ويو ته احتجاج جي دائري کي وسيع ڪيو ويندو: منظور ڀٽو

سيوهڻ (ن پاڪ) سنڌو درياءَ تي 6 تڪراري ڪينال اڏڻ خلاف گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج سيوهڻ جي پروفيسرن ڪاريون پٽيون ٻڌي ڪاليج جي مين گيٽ آڏو احتجاج، ڪينالن خلاف سخت نعريبازي ڪئي , تفصيل/ڏسو صفحو 3 بقايا 17

GOVT: BOYS DEGREE COLLEGE SEHWAN

سيوهڻ: ڊگري ڪاليجز جا پروفيسر درياهه مان ڪئنال ڪيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

دولهه درياهه جي پل تي ڪئنالن خلاف مختلف ڌرين پاران احتجاجي مظاهرو

جسم وائيس چيئرمين نواز شاهه پاڏائي جي اڳواڻي ۾ ڌريون سراپا ٻڌجي ويون

ڪئنالن خاطر ڌرتيءَ خاطر پاڻي خاطر هر موڙ تي مزاحمت ڪنداسين: نواز شاهه پاڏائي

سنڌ کي سُڪائڻ نه ڏينداسين، درياهه اسان جو جياپو آهي هر صورت حفاظت ڪبي

ٺٽو (رمضان ميمڻ) ٺٽي جي سياسي سماجي قومپرست ڪارڪنن پاران ٺٽي لڳ سنڌو درياءَ جي دوله درياءَ خان پل تي ڪئنالن جي اڏاوت خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو سنڌو مٿان ٺهندڙ 6 ڪئنالن خلاف دوله درياخان پل تي جيئي/ڏسو صفحو 3 بقايا 18

سرحد پرسان واسا برادري ۾ جهيڙو، لٺين ۽ ڪهاڙين جو استعمال، ٻن عورتن سميت 7 ڄڻا زخمي

ڳوٺ چام بلاول واسو ۾ علائقو جنگ جو ميدان بڻجي، ڌرين ۾ جهيڙو زمين جي مالڪي تان ٿيو

زخمين ۾ حاڪم واسو، احسان واسو، ممتاز واسو ۽ ٻيا شامل، طبي امداد جي لاءِ اسپتال منتقل

ٻنهي ڌرين ۾ ڇڪتاڻ سبب ڳوٺ ۾ خوف واري صورتحال چانيل، تدارڪ ڪيو وڃي: متاثر ڌر

گهوٽڪي(رپورٽ حاجي محمد مهر) سرحد ٿاڻي جي حد ڳوٺ چام بلاول واسو ۾ واسا برادري /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

” ڪئنال نامنظور” قلم ڌڻي به سراپا، احتجاجي ريلي، وفاق خلاف نعريبازي

جامشورو ميڊيا سينٽر پاران ڇهن ڪئنالن خلاف اي سي آفيس کان ريلي ڪڍي وئي

ايس يو پي، پ پ شهيد ڀٽو، ايس ٽي پي، ڪيو اي ٽي، جسقم آريسر جي ريلي ۾ شرڪت

ڪئنالن سميت ٻين سنڌ دشمن منصوبن کي ڪنهن به صورت قبول نه ڪنداسين: اڳواڻ

ڪوٽڙي (رپورٽ عبدالخالق چانڊيو)سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنال ڪيڻ خلاف سموري سنڌ جيان صحافي برادري به سراپا احتجاج بڻجي وئي جامشورو ميڊيا سينٽر پاران ڇهن ڪئنالن خلاف اي سي آفيس کان ريلي ڪڍي ميڊيا /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

ڪينال سمورا نامنظور
سنڌو تي ڏاڍ نامنظور
NO MORE CANALS ON INDUS RIVER

ڪوٽڙي: صحافي برادري جي سڏ تي ڪئنالن خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڄامشورو پرسان روزو رکڻ بعد بيمار ٿيل نينگر دم ڏئي ڇڏيو

جعفر علي گذريل هڪ هفتي کان بيهوش هو، ڪراچي ۾ دم ڏنائين

نينگر هفتو اڳ ڪپڙو پسائي پکو هلائي ستو ته صحت خراب ٿي وئي

ڄامشورو:(د ر) ڄامشورو پرسان روزو رکڻ بعد طبيعت خراب ٿيڻ ڪري نينگر فوت ٿي ويو. رپورٽ موجب هڪ هفتو اڳ مولوي خليل ابڙو جي ڏهن ورهين/ڏسو صفحو 3 بقايا 27

مٽياري ۾ استاد ۽ شاگرد ڪئنالن خلاف هڪ آواز، نعريبازي

وفاق ۽ پنجاب طاقت جي زور تي درياهه تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو: عاقب علي

سنڌ ۾ اڳ ئي پاڻي جي کوٽ آهي، ڪئنال ڪيڻ هر گز نه ڏينداسين: استاد

مٽياري (رپورٽر فدا حسين شيخ) مٽياري جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول مير محمد چانڊيو ۾ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن پاران سنڌو مان ڇهه تڪراري /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

سکر ۾ نينگري سان زيادتي جي ڪوشش، جوابدار سوگهو

سانگي ٿاڻي جي حد ٽريچاڻي پاڙي ۾ اقرار نينگري سان زيادتي جي ڪوشش ڪئي

ٻارڙي جي دانهن تي پاڙي وارا پهچي ويا، اطلاع تي پوليس جوابدار کي پڪڙي لاڪپ ڪيو

سکر(رپورٽ :شڪيل عاجز) 7_8 سالن جي معصوم ٻارڙي سان زيادتي جي ڪوشش، جوابدار گرفتار سکر جي سانگي ٿاڻي جي حد ٽريچاڻي /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

ماتلي ۾ وڪيلن پاران ڪئنالن خلاف عدالتي وهنوار جو بائيڪاٽ، ريلي

ايڊووڪيٽ زاهد حسين چڊڙ جي اڳواڻي ۾ سول ڪورٽ جي در تي ڌرڻو هنيو ويو

ڏاڍ جي زور تي وفاق ۽ پنجاب کي ڪئنال ڪيڻ نه ڏنا ويندا: ايڊووڪيٽ زاهد حسين

ماتلي:(ن پاڪ) ماتلي سنڌو تي ڪئنال ڪيڻ واري فيصلي خلاف سڄي سنڌ جيان ماتلي جا وڪيل سراپا احتجاج بڻجي ويا آهن، وڪيلن /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

سکر ۾ بلاول ۽ آصف زرداري جي حمايت ۾ جيالن جي ريلي

سيد زاهد شاهه بخاري جي اڳواڻي ۾ نيو ليبر ڪالوني کان ريلي نڪتي

آصف زرداري ڪئنالن بابت واضح جواب ڏئي ڇڏيو آهي: زاهد شاهه بخاري

سکر(بيورو رپورٽ) صدر پاڪستان آصف علي زرداري جي گڏيل پارليامينٽ جي خطاب ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي حمايت ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

سنڌ جو اديب قلمڪار ۽ شاعر سجاڳ آهي: نور چاڪراڻي

هو سنڌ دشمن رٿائن تي مزاحمت ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو: احساس ميرل

سنڌ جي ڌرتي سان ڪيل وچن کي نڀائبو: لطيف دايو/مجيد نواز مغل

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ جو اديب قلمڪار ۽ شاعر سجاڳ آهي. هو سنڌ دشمن رٿائن تي مزاحمت ڪرڻ جي سگهه رکي ٿو۔ سنڌ جي ڌرتيءَ سان /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

نوشهروفيروز جي ڪارروائي، بين الصوبائي گروهه جا 6 جوابدار گرفتار

جوابدار ڪراچي مان سرنهن جي تيل سان ڀريل ٽينڪر ڦريو هو: ايس ايس پي

گرفتار ٿيلن ۾ نويد شاهه، آصف مهر، ڪاشف مهر، باغ مهر، صدام ۽ نظير شاهه شامل

نوشهروفيروز (د ر) ايس ايس پي نوشهروفيروز سنگهار ملڪ ايس ايس پي آفيس نوشهروفيروز ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ۾ دعوا ڪئي آهي ته هڪ هفتو اڳ سکر کان ڪراچي ويندي سرنهن جي تيل سان ڀريل ٽينڪر کي /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

”ڪئنالن جي اڏاوت نامنظور” محرابپور ۾ مذهبي ۽ قومپرست جماعتن جي ريلي

غلام اڪبر خواجا، حيدر عامر، عابد حسين سمون، ولايت حسين نوناري ۽ ٻين ريلي جي اڳواڻي ڪئي

سنڌو ندي مان ڇهه نوان ڪئنال ڪڍيا ويا ته سنڌ ريگستان بڻجي ويندي: غلام اڪبر خواجا

سنڌ جو عوام غيرقانوني ڪئنالن خلاف ڀرپور مزاحمت ڪندو: مولانا حيدر عامر/ عابد حسين سمون

محرابپور (عبدالله چانڊيو) سنڌو درياهه مان غيرقانوني, /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

محرابپور: درياهه تي ڌاڙي خلاف نڪتل ريلي کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

ڪي ايم سي دانيال علي سيال کي ڊائريڪٽر پي آر مقرر ڪري ڇڏيو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) سينئر آفيسر دانيال علي سيال کي ڊائريڪٽر ميڊيا مئنيجمينٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

ڪئنال ٺهڻ نه ڏينداسين، سنڌ اسيمبلي جي ايندڙ اجلاس ۾ ڪئنالن خلاف قرارداد پيش ڪبي: مخدوم فخر الزمان

نوان ڪئنال ٺهيا ته ٺٽو، بدين توڙي ڪراچي واسي پاڻي ڦڙي لاءِ سڪندا:سنڌ سرڪار جو ترجمان

سنڌ ۾ اڳي ئي پاڻي جي کوٽ آهي ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي ڇڏي نٿا سگهون،ڊيلٽا ۾ منو پاڻي ڇوڙ نه ٿيڻ سبب سمنڊ لکين ايڪڙ زمين ڳڙڪائي ويو آهي

صدر آصف علي زرداري واضح طور ڪئنالن جي مخالفت ڪئي آهي، چيئرمين پيپلزپارٽي به ڪئنالن کي رد ڪري چڪو آهي

مٽياري (شهمير ميمڻ) سنڌ ۾ اڳي ئي پاڻي جي کوٽ آهي نوان ڪئنال ٺهيا ته سنڌ بنجر بڻجي ويندي پيپلز پارٽي ڪنهن به صورت ڪئنال ٺهڻ نه /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

مٽياري: مخدوم فخر الزمان پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ ۾ سرڪاري واٽس اپ چينل جو افتتاح

وفاقي محتسب عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ پرعزم آهي: اعجاز احمد قريشي

پهچ ۽ رسائي کي وڌائڻ هن آفيس جي هميشه ترجيح رهي آهي: خطاب

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراه) وفاقي محتسب/ڏسو صفحو 3 بقايا 41

ڏڙو ۾ ڪئنالن خلاف اي پي سي، ڏڙو کان ميرپوربٺوري تائين شارٽ مارچ جو اعلان

سماجي تنظيم نيو ويزن فورم پاران سنڌو درياءَ مان 6 ڪينال ڪيڻ خلاف آل پارٽيز ڪانفرنس

سنڌو درياءَ اسان جي زندگيءَ ۽ موت جو مسئلو آهي ڪنهن کي به درياءَ مان ڪئنال ڪيڻ جي اجازت نه ڏينداسين:رشيد آزاد

ڪئنالن وارو فيصلو واپس ورتو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو: اصغر سومرو ۽ ٻيا

ڏڙو (ن پاڪ) ڏڙو ۾ ڪئنالن خلاف اي پي سي، ڏڙو کان ميرپوربٺوري تائين شارٽ مارچ جو اعلان، /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

ٻلڙي شاهه ڪريم ۾ جساف اڳواڻ جي گرفتاري خلاف شٽر بند هڙتال

ايم عرس ڪيهر جي آزادي لاءِ شهيد بلور پنهور چوڪ کان ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي

محمد عرس ڪيهر هڪ پر امن ڪارڪن آهي، ڪيس بنا ڏوهه ڪنييو ويو آهي: شڪيل احمد ميمڻ

اڳواڻن پاران ڪنيڻ جي مذمت، اڳواڻ کي فورن آزاد ڪيو وڃي: حاجي يارمحمد/عبدالعزيز ڪپري

ٻلڙي شاهه ڪريم(رپورٽ علي ڏنو رند) ٻلڙي شاهه ڪريم ۾ جساف جي مرڪزي اڳواڻ محمد عرس ڪيهر کي سنڌس بيڪري تان جبرن گرفتار ڪري گم ڪرڻ خلاف ٻلڙي شاهه ڪريم ۾ حاجي يارمحمد ڪيهر شڪيل احمد ميمڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا 43

ٻلڙي شاهه ڪريم: جساف ڪارڪن ساٿي جي گرفتاري خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

ABC CERTIFIED
سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي۔فون نمبر:3_35655872_021 فيڪس نمبر:35655874_021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

اربع 12 مارچ 2025ع بمطابق 11 رمضان المبارڪ 1446هه

EDITORIAL

پ پ قيادت نوان ڪئنال جوڙڻ جي مخالف

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته نون ڪئنالن بابت فيصلي تي سنڌ کي سخت خدشا آهن، پاڻي جو مسئلو سنڌ جي عوام لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال آهي، ان معاملي تي گڏيل فيصلا ڪرڻ گهرجن. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي بلاول ڀٽو چيو ته صدر آصف علي زرداري پارليامينٽ ۾ تاريخي خطاب ڪيو، پهريون ڀيرو ڪنهن سول صدر اٺين دفعو پارليامينٽ سان خطاب ڪيو. هن چيو ته صدر نفرت بدران اميد جي ڳالهه ڪئي، هڪ پاسي صدر جو خطاب هو ته ٻئي پاسي اپوزيشن جو رويو جيڪو سڀني جي سامهون آهي. هن وڌيڪ چيو ته صدر وفاق جو چونڊيل آئيني عهديدار آهي، زرداري صاحب پوري قوم جي مسئلن تي ڳالهايو. نون ڪئنالن ڪينالن بابت فيصلي تي سنڌ کي سخت خدشا آهن، اهڙي معاملي تي گڏيل فيصلا ٿيڻ گهرجن. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اسان هر اسيمبلي جي اجلاس ۾ پاڻي جي مسئلي کي اٿاريندا رهيا آهيون. اِهو چوڻ ته پيپلزپارٽي ان معاملي تي خاموش رهي آهي نسورو ڪوڙ آهي. هن چيو ته پاڻي جو مسئلو هڪ سنگين مسئلو آهي ۽ سنڌ جي عوام لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال آهي. جيڪڏهن درياهه جي آخري ڇيڙي تي رهندڙ ماڻهن کي حق نه ڏينداسين ته پوءِ پنهنجو ڪيس ڪيئن وڙهنداسين؟ هن چيو ته اسان وزيراعظم طرفان رات جي ڊنر تي سنڌس ٿورائتا آهيون، اتي سياست بابت به ڳالهيون ٿيون. معيشيت بابت هاڪاري اشارا اچي رهيا آهن، جنهن پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي، اسان پنهنجا خدشا وزيراعظم جي سامهون رکيا، اميد آهي ته ڳالهيون جاري رهنديون. پ پ چيئرمين وڌيڪ چيو ته هن ڪڏهن به نه ڏٺو آهي ته ڪا صوبائي حڪومت عوامي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ دلچسپي نه ڏيکاري. هن خيبرپختونخوا ۾ وڌندڙ دهشتگردي جو ذڪر ڪندي چيو ته اتي صورتحال بگڙي رهي آهي پر وڏي وزير کي ان جي ڪا پرواهه ناهي، وفاق جي به ذميواري آهي ته خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي جي معاملي تي پاڻ نوٽيس وٺي. هوڏانهن پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ شازيه مري چيو آهي ته صدر آصف علي زرداري هميشه پاڪستان کپي جو نعرو لڳائيندو رهيو آهي. شازيه مري اسلام آباد ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته صدر آصف علي زرداري جي لاءِ پاڪستان هميشه سڀني کان پهريان آهي هو هميشه پاڪستان کپي جو نعرو لڳائيندو رهيو آهي. پارليامينٽ کي خطاب ۾ صدر آصف زرداري ملڪي مسئلن، فلسطين ۽ ڪشمير جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون ۽ سموري دنيا مان فلسطين طرفان ڌيان ڇڪرائڻ جو مطالبو ڪيو. شازيه مري چيو ته صدر آصف زرداري جو ڪوبه سياسي دشمن ناهي، هن سياسي انتقام ناهي ورتو. اسان جي حڪومت نه آهي، اسان صرف اتحادي آهيون پر صدر اڄ به چوي ٿو ته اسان ڪوبه اهڙو ڪم نه ڪنداسين جنهن سان پاڪستان يا فيڊريشن کي نقصان پهچي. هن چيو ته صدر آهيان فيڊريشن کي نقصان نٿو پهچائي سگهان. پيپلزپارٽي جي اڳواڻ وڌيڪ چيو ته پاڻي جي مسئلي تي حڪومت جي هڪ طرفي فيصلي سان گڏ نٿا بيهي سگهون. صدر پاڻي جي حوالي سان پروپيگنڊا کي ڪالهوڪي تقرير ۾ دفن ڪري ڇڏيو. ڪجهه ماڻهن کي خبرن جي زينت ۾ رهڻ جو شوق هوندو آهي. جڏهن ته ڪجهه ماڻهو پروپيگنڊا ڪندا آهن. پاڪستان کي اڄ ٻيهر دهشتگردي کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. دهشتگردي جي خلاف اسان جي سيڪيورٽي فورسز وڙهي رهي آهي

فرسوده سياست ۽ فرسوده سول سوسائٽي

رياض ابڙو

بنيادي طرح اسان سياسي لاڳاپا ناهيندا ئي تڏهن آهيون جڏهن اسان کي وڏي پيماني تي لفٽ جو آسرو هوندو آ. معني اسان انهن سياسي ماڻهن سان سياسي لڳ لاڳاپا ۽ ڳانڍاپا رکندا ايندا آهيون. وڌائيندا به آهيون جيڪي اسان جي ذاتي پسند جا هوندا آهن. اسان جي ڪم جا ثابت ٿيندا يا هوندا به آهن. اهي اسان جا نظرياتي مخالف هجن يا اهي سياسي طرح ڀلي موزون به نه هجن. مثال اسان ڪڏهن نوازشريف جي لاءِ به ووٽ ڪيو هوندو ڪڏهن پي پي جي لاءِ به ورڪنگ ڪئي هوندي. اها ٻي ڳالهه آ ته اسان جي تَرَ جا پيپلا به ته سياسي وفادارين مٽائي ڪڏهن ليگلائي ٿا وڃن. يا هاڻي وري يوٿيا به ٿي ٿا وڃن. انهن جو اهو ذاتي مفاد هوندو. اهي پنهنجي مفاد جي ڳولها ۾ رهندا ايندا آهن. اهي پهرين ته اهو ڏسندا آهن ته انهن جي ذات کي ڪيترو فائدو رسي ٿو. جي انهن کي ڪنهن وزارت جو آسرو هوندو آ ته اهي پهرين "هاٽ فيوريٽ" پارٽي ڳولهيندا آهن. يا پاڻَ ۾ "پوٽينشل" ڏسندا آهن. تي اهي ان سياسي ٽولي مان ڪيترو لاڀ وٺي سگهندا. اتي ڪيترو هلي سگهندا يا فٽ فڪس ٿي سگهندا ته پوءِ ڏسي وائسي اهي اڳتي وک وڌائيندا آهن. ان سڄي وارتا ۾ انهن کي نه نظرياتي سياست جي لوڙهه هوندي آ. نه ڪا فڪر ڦرهي، جنهن جي بنياد تي ڪا آديالاجي ڪٿي لهندا هجن. نه ڪنهن قومي مفاد جي ڪا ڇُرچ. نه ڪا ئي ضرورت به هوندي اٿن. نه ڪا ڪنهن قسم جي لوڙهه بس اهي پنهنجا ذاتي ۽ سياسي رستا ڳهڙيندا ناهيندا هلندا ايندا آهن. پنهنجا فائدا ڏسندا ايندا آهن. هتي پلاجيڪي به ننڍڙيون ننڍڙيون سياسي پارٽيون يا ورڪر آهن انهن کي ڀلي اسان نون ليگ ۾ "فِٽ فڪس" ڪيون يا پي پي ۾ ڏسون يا اهي ڪنهن يوٿيي جي پَرِ به وٺن پر ڪندا ته پوءِ به قومي ڌاري جي سياست. گهٽائي يا اڪثريت جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن پي پي پنهنجي فائدي جي ڪري اسان جي قومي فائدي جي ڳالهه به ڪري وٺندي آ. (هاڻي ڪينالن جي معاملي تي صدارتي آرڊيننس جاري ڪري هيٺين ليول تي وري به ڇاپڙاٽپ وري سياست ٿي ڪري، جنهن کي اسان قومپرست "تَڄ" ڏيون. يا سنڌ ڪارڊ چئون. وري پي پي وانگي جڏهن سياسي پارٽيون پنهنجي مستي يا گهٽائي ۾ هونديون آهن تڏهن اهڙي اَرڙهين ترميم به پاس ڪرائي وٺنديون آهن. پي ٽي آءِ وري جڏهن مرڪز ۾ گهٽائي ۾ هئي، تڏهن سنڌي ٻولي جي بل کي نامنظور ڪرائي وئي. هنن "63 ون سي" پاس ڪرائي ٻٽي شهريت جي ڳالهه ڪري ورتي هئي. نون ليگ کي جي وارو مليو ته هن "58 ٽو بي" منظور ڪرائي ورتي. چو ته اهي سڀ ڪنهن نه ڪنهن طرح فائدي جون ترميمون آهن. پر ڪڏهن به انهن آئيني ترميمن ۾ اسان سنڌين جو ڪو فائدو ناهي ٿيو سڀ پارٽيون پنجاب جي فائدي واري ڳالهه ڪري ٿيون وٺن. ماضيءَ ۾ ٻيٽن واري بل يا آرڊيننس جي منظوري، وري اسٽيل مل جي ملازمن کي ڌڪي ڪڍڻ کان وٺي انهن جي لاءِ 11 بلين جو بل پاس ڪرائڻ ۽ انهن 4500 ملازمن کي 2 کان ٽي ملين روپيا ڏئي ادارا ڪپائڻ واري ڳالهه ڪهڙي سياست هئي اها؟

وري ٻئي پاسي ڏسون ته اسان جي وسيلن تي قبضا، اسان جي زمينن تي قبضا، اسان جي درياءَ تي ڌاڙا، اسان جي نوڪرين تي قبضا، اسان جي سامونڊي ٻيٽن تي قبضا. وري بلدياتي نظام اهڙو جڻ صوبي جي ورهاڱي جي ڳالهه هجي. پوءِ آخر ڇا ڪجي؟ ڪيئن ٿيندو اهو سڀ ڪجهه؟ ڀلا ضلعا به ته انتظامي يونٽ آهن نه. اها ڳالهه ماڻهن يا حڪمرانن کي سمجهه ۾ نه ٿي اچي. هاڻي ته "ڪلڪ" ۽ "سويپ" جي پيڪيجن تحت ڪراچي ۾ ڪم هليا. پر رياست جو وس پڄي ته سڀ وڏا شهر چائينا کي لکي ڏئي. حيرت اها به آهي ته اسان جي احتجاجن ۾ ته ڪو اثر ئي ناهي. اسان جي ماڻهن اسٽيل مل جي لاءِ احتجاج ڪيو، ماڻهو ميڙيا پر وفاق تي ته ڪو اثر نه پيو. اسان جي روڊ رستا بلاڪ ڪيا. ٽريفڪ جام ڪرائي ته ڪورٽ ڪهڙو "سوئوموٽو" (پاڻ مرادو) نوٽيس ورتو. هونءَ ته سياستدانن کي ڦاسائڻ جي لاءِ ايڏا پاڻ مرادا نوٽيس ٿا وٺن جو حيرت ٿي وڃي. ۽ لڳندو آ ته ڪورٽون واقعي ئي ڪم ٿيون ڪن.

ڳوٺائن علائقن ۾ پاڻي ۽ گيس جون لائينون گذري وڏن شهرن ڏي اچن ٿيون. پر انهن شهرن ۽ ڳوٺن جي ماڻهن کي صاف پاڻي جو ڍڪ نه ٿو ملي. انهن کي ٻارڻ لاءِ گيس نه ٿي ملي. وري انهن ماڻهن تي پابندي آ ته اهي ٻيلي مان وڻ ۽ سڪل ڪاٺيون ڪٽي به گهر جو چلهو ٻاري نه ٿا سگهن. چوڻ ڪٽڻ سان ماحولياتي آلودگي وڌي ٿي پر انهن جو چلهو نه ٻري ماحول تي ڪو اثر نه ٿو پئي. اتي حڪومتي ڌريون نه انهن کي روزگار ڏينديون. نه انهن کي صاف پاڻي ملندو نه انهن کي روڊ رستا، نه زندگي جي ڪا آسائش. ماڻهو ڇا ڪن ڀلا؟ وري اها ڳالهه به سمجهڻ ضروري آ ته ضلعي انتظام ته ڊي سي ٿو هلائي. يا ضلعي پوليس جو انتظام به ته الڳ ٿلڳ آ. جيئن انهن نظامن کي گڏيل طور ته صوبائي ۽ وفاق سرشتن تائين ڇڪي يا ڳنڍي سگهجي ٿو بنگلاديش جي 1971 ۾ ڏنل 6 نڪتن مان هڪ نڪتو ڏاڍو زبردست هيو ته "وفاق پاڻ وٽ صرف به وزارتون رکي. هڪ دفاع ۽ ٻيو خارجا پاليسي جي وزارت. باقي سڀ جا سڀ انتظام صوبا پاڻ هلائيندا. ٻيو ته صوبي جي جيڪا به اپت ٿيندي، ان تي وفاق جو ڪوبه دخل نه هوندو. صوبا جيڪو ڪمائيندا اهي پاڻ تي خرچ ڪندا" (اهي پوائنٽون بلڪل صحيح هيون) وري وفاق هر صوبي جي ڪمائي تي ڀلي پنهنجي مخصوص ٽيڪس يا ڍل رکي پر سڀ جون سڀ ٽيڪس ۽ ڍلون هڙپ نه ٿو ڪري سگهي. وڏن شهرن جي آبادي ۾ سڀني ننڍن ننڍن شهرن جي ڪمائي جو حصو يعني "ڪنٽريبيوشن" به هجي ٿو ملڪي آباديون ته ٻين شهرن جي واپارن تي "ڊيپينڊ" ٿيون ڪن. چو ته "سروس سيڪٽر" ڳنڍيل رهي ٿو معني سروس ڏيو ۽ سروس وٺو پوءِ انهن ڪمايل ٽيڪسز تي به شهر جي سڀني ماڻهن وانگي صوبي جي هر ماڻهو جو به حق آ. رياست اهو ڏسي ته جيڪو صوبو جيترو ڪمائي اوترو ان جو پنهنجن وسيلن تي حق هجي ٿو پر انڊيرنگري ۽ چربٽ راڄا. ٻولي جو وڏو مسئلو آ. وڏن شهرن ۾ اسان جي ٻولي ڳالهائڻ وارا ڪيترا هوندا؟ (يا آهستي آهستي وڌن ٿا) عرب، ارغون ۽ ايراني نسل به اسان وٽ اسان جي ٻولي ڳالهائي اسان جا ٿي ويا. پر هي ته اسان جي ٻولي ڳالهائڻ کي عيب ٿا سمجهن. پوءِ انهن ٻين صوبن جي ماڻهن کي ڏسن جيڪي انهن صوبن ۾ لڏپلاڻ جي ٻهاني آيا اهي اتان جا ٿي ويا. پر هي ڪهڙي ثقافت جي مالڪ آهن جيڪي پنهنجي تهذيب جي ڳالهه ٿا ڪن. سڄي لڏپلاڻ ڪانپوءِ به شهر جي هاڻوڪي آبادي ۾ هنن جو حصو ايترو ناهي پر ٻولي جي "ڊومينينسي" جي ڪري هي ملڪ جي ماڻهن تي حاوي ٿا ٿين. ايم ڪيو ايم ته اهڙي پارٽي آهي جيڪي فوجين "ڪريئيٽ" ڪئي ۽ هر حڪومت جي جهولي ۾ ويهڻ وارا آهن اهي ته رڳو "سرڪاري پٽن" تي گذارو ڪرڻ وارا. سدائين ان آسري ۾ هوندا آهن ته من نه من حڪومت هنن جي فائدي جي ڳالهه ڪري، هي ته ڪڏهن به مخالفت جي سياست ڪندائي ناهن. ڪڏهن به مخالفت ۾ اچي هي عوام جي ڳالهه ناهن ڪندا. ماضيءَ ۾ پاڻ کي "نفيس" ثابت ڪرڻ جي لاءِ پي ڊي ايم جي خلاف ٿي بيٺا. ڪاش جي اسان جا ماڻهو هنن جي سياست کي سمجهن چو ته "ڪوڙن" ڊوميسائيلن تي ٻيا ماڻهو ٻين صوبن جا ماڻهو اسان جي نوڪرين جي ڪوٽا تي ويهاري اسان جن ماڻهن کي نوڪرين کان محروم ٿا ڪن. هاڻ ڪورٽن ۾ ڪيس هلائي ڪوڙا به پاڻ ثابت ٿا ٿين. پر ننڪ جا پڪا آهن. چو ته هنن ڀلي ڀَت خبر آهي ته رڳو "ڪراچي ۽ مهاجر" سياست ڪري هي "حڪومتي پٽا" کائڻ جا ماهر آهي ۽ اهو ئي ڪري سگهن ٿا. باقي قومي سياست هنن جي وس جي ڳالهه ناهي. هنن ته سدائين غداري واري سياست ڪئي آ. هي سدائين ٻين ملڪن جي لاءِ ڪم ڪرڻ وارا ڪهڙي صوبي يا ملڪ جي سياست ڪندا. پر حيرت اها آهي ته صدر به هنن جي ٻولي ٿو ڳالهائي. سپريم ڪورٽ جو جسٽس، پاڪستان جو اٽارني جنرل، وفاقي قانون جو وزير ۽ اسان جو گورنر به هنن جو. پر پوءِ به هي مظلوم. اسان جي ڌرتي ۽ حقن لاءِ هي وڙهن ئي نه ٿا هي ته ابتو اسان سان ٿا وڙهن. پنهنجا مقصد پاسي تي رکي ٻيٽن جي لاءِ ڪو جلوس يا جلسو ڪري ڏيکارين. پاڻي جي لاءِ ڪو احتجاج ڪري ڏيکارن. معني "سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙا" ٿا لڳن. پنجاب ڪينال ٺاهي ۽ رهيو کهيو پاڻي ڪٽي اسان جون لکين ايڪڙ زمينون غيرآباد ڪندو. پر هنن کي پنهنجي گهر جي ٽانڪيءَ ۾ پاڻي کپي. باقي اسان جا درياهه سڪن. بحريا ٽائون ٺهن. ڪمانڊر سٽي، اي ايس ايف سٽي، ڊفينس جا نوان فيز ٺهن. ڌاڙيا آباد ٿين. هنن جي ته جونءِ به نه ٿي ڏُڪي. اسان کي ته ترقي ڏاڍي وڻندي آ. پر ٻيٽن تي اٺين قبضا ڪري ڪهڙي ترقي ڇٽبي. اسان جا ماڻهو ٻاهرين ملڪن ۾ ويهي به هنن جي لوڏيل ليڊرن کي هاڻي پنهنجو ٿا سمجهن. جن مان چڱائي جي ڪا اميد ڪرڻ جڻ ٻهرڻ کان ٻير گهرڻ آ. پوءِ آزمايل کي آزمائي سو ڏوڙ منهن ۾ پائي.

جعفر ايڪسپريس هائي جيڪ ڪرڻ پٺيان لڪل راز

اعجاز ممنائي

ٽي ڏينهن پهريان خبر آئي ته بلوچستان ۾ پاڪ افغان سرحد ويجهو سيڪيورٽي فورسز جو ڪامياب آپريشن ڪندي چئن اهم دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته دهشتگرد واقعن ۾ افغان دهشتگردن جي ملوث هئڻ ۾ مسلسل اضافو ٿيو آهي ۽ افغانستان مان پاڪستان ۾ دراندازي جا وڌيڪ ثبوت سامهون اچي ويا آهن. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته مختلف دهشتگرد تنظيمن کي افغان طالبان جي مڪمل حمايت، مددگاري ۽ سرپرستي حاصل آهي. سيڪيورٽي ذريعن موجب، بلوچستان ۾ پاڪ افغان بارڊر ويجهو ٽوبا ڪاڪڙي واري علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسز ڪامياب آپريشن ڪري چئن اهم دهشتگردن کي گرفتار ڪري ورتو ۽ گرفتار دهشتگردن وٽان ڪلاشنڪوفون، دستي بم ۽ ٻيا هٿيار هٿ ڪيا ويا آهن. دهشتگردن وڏي ڪارروائي جي رٿابندي جو اعتراف ڪيو آهي، گرفتار دهشتگرد اعترافي بيان ۾ چيو ته سنڌس نالو اسام الدين آهي، والد جو نالو گلشاد آهي، هو افغانستان مان آيو آهي. دهشتگرد اسام الدين چيو ته سنڌن نظريو سنڌن ٽريننگ ٿيل آهي. هن وٽ 2 بندوقون، 2 ڪلاشنڪوفون، هڪ گرنيڊ ۽ ٻيا هٿيار موجود هئا. سيڪيورٽي ذريعن موجب، دهشتگرد اسام الدين چيو ته هو افغانستان مان 3 ڏينهن اڳ پاڪستان ۾ داخل ٿيا، ڪين اڳتي پشين وڃڻو هو جڏهن ته دهشتگردن خلاف هن آپريشن جي ڪاميابي ۾ مقامي ماڻهن اهم ڪردار ادا ڪيو. گرفتار دهشتگردن کي وڌيڪ جاچ لاءِ اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪيو ويو آهي. ياد رهي ته پهريان به ڪيترائي افغان دهشتگرد سيڪيورٽي فورسز هٿان جهنم پيڙا ٿي چڪا آهن. مارجي ويل افغان دهشتگردن ۾ افغان صوبي باغديس جي گورنر جو پٽ بدرالدين به شامل هو ان کان سواءِ مارجي ويل افغان دهشتگرد مجيب الرحمان افغانستان جي حضرت معاذ بن جبل نيشنل ملٽري اڪيڊمي ۾ ڪمانڊر هو مقامي ماڻهن جو دهشتگردن خلاف سيڪيورٽي فورسز سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي وڙهڻ سٺو سنوڻ آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته پاڪستان ۾ دهشتگردي جي لهر ۾ اضافي جو بنيادي سبب افغانستان جي ڌرتي تي موجود دهشتگرد تنظيمون آهن. افغانستان دهشتگردن جو ٺاڪ بڻجي چڪو آهي، جنهن تي عالمي سطح تي فوري ڪارروائي وقت جي اهم ضرورت آهي. دفاعي ماهرن موجب دهشتگردن سان گڏ پاڪستان ۾ داخل ٿيندڙ اڪثر افغان شهري يا ته ماريا ويندا آهن يا گرفتار ٿيندا آهن. پاڪستان طرفان بار بار ثبوت ڏيڻ باوجود افغان عبوري حڪومت جي خاموشي اصل ۾ دهشتگردن جي حمايت آهي. گذريل ڏينهن بلوچستان جي بولان واري علائقي پيروڪنري جي ريلوي سرنگ نمبر 8 وٽ ڪوئيٽا کان پشاور ويندڙ جعفر ايڪسپريس ٽرين کي فائرنگ بعد هائي جيڪ ڪيو ويو آهي. سرڪاري پڌرائي موجب ريل گاڏي جو ڊرائيور زخمي آهي ۽ موبائيل ڪميونيڪيشن نه هجڻ سبب صرف وائرليس تي رابطو آهي. ذريعن موجب علائقي مان لاڳيتو فائرنگ ۽ ڌماڪن جا آواز اچي رهيا آهن. ٻئي طرف ويڙهاڪ تنظيمن جي اتحاد براس طرفان ڪارروائي جي ذميواري قبول ڪندي ان کي مجيد برگيڊ ۽ ٻين گروپن جو گڏيل آپريشن قرار ڏنو آهي ۽ ڌمڪي ڏني آهي ته جيڪڏهن ڪا جوابي ڪارروائي ڪئي وئي يا مداخلت جي ڪوشش ٿي ته مسافرن جي حياتين جي ذميواري سرڪار تي هوندي. ريلوي اختيارن موجب جعفر ايڪسپريس 9 ڪوچن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ 5 سئو مسافر سوار آهن، سرنگ نمبر 8 وٽ رابطو ٽٽي ويل آهي. بلوچستان سرڪار واقعي جي سنگيني ۽ احتياطي تدبير پٽاندڙ، مچ، ڍاڍر، سبي ۽ ڪوئيٽا جي اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪري ڇڏي آهي. بلوچستان حڪومت جي ترجمان موجب پهاڙي علائقو هجڻ سبب ايمبولنسن ۽ امداد پهچائڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي رهي آهي، تنهن هوندي هڪ امدادي ٽرين ان طرف رواني ڪئي وئي آهي. ان سڄي صورتحال جي پسمنظر ۾ بلوچستان ۽ وفاقي سرڪار جو خاموش رهڻ صوبي کي غير محفوظ بڻائڻ آهي سيڪيورٽي فورسز سرحدن جي محافظ هجڻ گهرجي. جعفر ايڪسپريس ڪوئيٽا وڃڻ واري واحد ٽرين آهي جنهن تي اڄ بلوچ انقلابي فوج (BLA) حملو ڪري يرغمال بڻائي ورتو آهي. بولان جي علائقي ڍاڍر ۾ مشڪاف ۾ منظر آپريشن دوران بلوچ لبريشن آرمي جي اهلڪارن جعفر ايڪسپريس کي روڪي ريلوي ٽريڪ کي ڌماڪي سان تباهه ڪري ڇڏيو ۽ ٽرين کي فوري طور تي قبضي ۾ وٺي سمورن مسافرن کي يرغمال بڻائي ورتو بي ايل اي وارننگ جاري ڪئي آهي ته جيڪڏهن فوج طرفان ڪو به آپريشن ڪيو ويو ته ان جا سخت نتيجا نڪرندا ۽ سمورن يرغمالين کي بلاڪ ڪيو ويندو. دهشتگردن جي ان ڌمڪي آميز بيانن کان پوءِ سيڪيورٽي فورسز ته پوئتي نه هٽندي پر سرڪار طرفان دهشتگردن سان ڳالهين وارو باب بند ڪرڻو پوندو. عجيب ڳالهه اها آهي ته پاڪستان پاران تيار ڪيل آءِ ايم ايف جي بجيٽ جو 51 سيڪڙو سود واپس آءِ ايم ايف جي اڪائونٽ ۾ وڃي ٿو ان سان گڏ آمريڪا ۽ نيٽو کان جديد هٿيار خريد ڪري انهن ملڪ دشمن دهشتگردن کي ختم ڪرڻ جا عزائم رکي ٿو ۽ انهن جي استعمال لاءِ معاهدا پڻ ڪيا وڃن ٿا. انهن وٽ آمريڪا جي حمايت يافته فوجي ۽ انهن جي طاقت کان وڌيڪ جديد هٿيارن جي پلاننگ ۽ حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جا وسيلا ڪٿان ملن ٿا؟ ڇا هي ان عالمي دهشتگردي جو حصو آهي جنهن ۾ عالمي سرمائيدارانه سلطنت جون ملٽي نيشنل ڪمپنيون ۽ ادارا انهن ملڪن جي وسيلن تي قبضو ڪري عوام جي پورهئي جي معيشت سان گڏ انهن ملڪن جي وسيلن تي به قبضو ڪري رهيا آهن. ڪيري لوگر برمن ايڪٽ تحت ڊالرن کي مضبوط ڪرڻ جي لاءِ جعفر ايڪسپريس کي روڪڻ ۽ مسافرن کي يرغمال بڻائڻ اها عملي ڊجيٽل ۽ ٽيڪنيڪل دهشتگردي ناهي. ياد رهي ته آمريڪا اهڙي قسم جي واقعن کي نظر ۾ رکندي آپريشن ريزوليوٽ اسٽيبليٽي جي منظوري ڏئي چڪو آهي. 2008 ۾ ڪيري لوگر برمن ايڪٽ ذريعي پرويز مشرف جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ بعد آمريڪي جمهوري حڪومت آئي ۽ بائيڊن. جيڪو ان وقت آمريڪي ڪانگريس جو سينيٽر هو هڪ ٻئي ڊيموڪريٽڪ ورڪر سان گڏ هتي آيو جاگيردار ۽ سردار زرداري ۽ مسلم ليگي کي مڪمل يقين ڏيارڻ ويو ته ايندڙ وقت آمريڪا فوجي اسٽيبلشمينٽ مان ڪو به ماڻهو ڪڍي پاڪستان جي سول بيوروڪريسي جي انهن طبقن جي خواهشن جو خيال رکندو پرهاڻي وري آمريڪا کي پاڪستان ۾ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ انهن صاحبن جي ضرورت آهي. ان ڪري اهي هڪ معاهدو ڪري ويا. جنهن ۾ 2014ع تائين هر سال ڏيڍ ارب ڊالر ڏنا ويندا ۽ جيڪڏهن ضروري هجي ته ايندڙ پنجن سالن لاءِ ساڳيو معاهدو وڌايو ويندو. ان جي بدلي ۾ آمريڪي فوج کي بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه جي دهشتگردي سان ماليٰ مال علائقن ۾ آمريڪي ڳجهن ادارن 2008ع کان 2014ع تائين پشاور جي آرمي اسڪول ۾ ٻارن جي قتل عام، خودڪش ڌماڪن ۽ انهن جي اڳڪٿائي ڌماڪن ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جو کليل لائسنس حاصل هوندو. توهان مسجدن، بازارن، گاڏين، ريل گاڏين ۾ ٿيندڙ جاني نقصان جو اندازو لڳايو. تحقيق ڪريو ۽ سوچيو ته عام ماڻهوءَ ۾ ڪيترو خوف ۽ دهشت آهي. ڇاڪاڻ ته ڪين خبر ئي نه آهي ته سنڌن رڙيون ڪيڏانهن، ڪڏهن ۽ ڪهڙي پاسي کان ٻڌجي رهيون آهن. جيڪڏهن ڪنهن به ملڪ يا رياست جي اندر قومي سطح تي دهشتگردي ٿئي ٿي ته اها فطري نشاني ناهي يا ڪجهه گروهن جو ذاتي، مذهبي، لساني اختلافن تي ناراضگي آهي. پر ان جي پويان ملڪي ۽ عالمي گروهن جا مالي ۽ سياسي مفاد هوندا آهن. پاڪستان ۾ انهن واقعن جي پويان اصل توانائي ڊالرن جي طاقت نيٽو ۽ آمريڪي يورپي ۽ عرب ملٽي نيشنل ڪمپنيون آهن. جن جو ڊرائيور آهي. باقي گاڏي هتي جي ظالم نظام ۽ هتي جي عالمي ايجنٽن جو ڪردار ادا ڪندڙ طبقن جي ڏنل آهي. سڄي پلاننگ تحت فوج جي ملازمن کي نشانو بڻايو پيو وڃي. چو ته اهي وسيلا چاهيندڙ ڪارپوريشنز کي سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ جي نالي تي پاڪستان اندر حڪومتون بلوچستان جي انهن جبل وارن علائقن ۾ وسيلن جي امپورٽرن ۽ ايڪسپورٽرن کي سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ جي نالي تي ان ۾ وڌيڪ ڊالر هڙپ ڪري ان کي مٿئين سطح کان مڪمل طور تي مفلوج ڪرڻ چاهين ٿيون

بقايا 01

هتي فنڪشنل ليگ جي مقامي اڳواڻ فقير عبدالغفار سڏيرائي، پاڪستان خاصخيلي اتحاد سانگهڙ جي صدر مشتاق خاصخيلي. عوامي فورم جي اڳواڻ وفا سومرو لاهوتي، ايڊووڪيٽ اعجازمري ايڊووڪيٽ عبدالرشيد مري ۽ سنڌ پريس ڪلب پيرومل جي صحافين پاران جامع مسجد پيرومل کان هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جيڪا پيرون مل جي حسيني چوڪ کان ٿيندي بس امام بارگاهه چوڪ سنڌ پريس ڪلب پيرومل تي پهتي جڏهن ريلي ۾ مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ بينر هئا جنهن تي نعرا لکيل هئا سنڌو تي ڪئنال نامنظور نامنظور ان موقعي ايڊووڪيٽ اعجاز مري . خاصخيلي اتحاد جي مشتاق خاصخيلي. عوامي فورم جي وفا سومرو لاهوتي .ايوب خاصخيلي .يار محمد شر ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته صدر زرداري سنڌ جو هئڻ جي باوجود سنڌ سان ظلم ڪري ڇڏيو آهي هن سنڌ کي تباهه برباد ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته جيستائين صدر زرداري آرڊيننس واپس نه وٺندو ايستائين اسين احتجاج جاري رکندا سين هنن چيو ته صدر زرداري آرڊيننس تي صحيحون ڪيون آهن ۽ نظرثاني جي درخواست وفاق کي پيو ڪري جيستائين آرڊيننس جي واپسي جو نوٽيفڪيشن جاري نه ٿيندو ايستائين احتجاج جاري رهندو پيپلز پارٽي جنهن جا ليڊر اقتدار خاطر سنڌ جي دريا معدنيات سميت ست ڪروڙ عوام کي وڪرو ڪندي دير نه ڪندا پر سنڌ جو غيرت مند عوام انهي آرڊيننس کي رد ڪري ٿو

بقايا 02

۾ پاڪستان نيوي 301 پاران ڳوٺ عبدالله پنهور، صديق ماڇي ۽ سيد پور ۾ سوين ڳوٺائن کي روزو افطار ڪرايو ويو جنهن ۾ نيوي جوانن ڳوٺائن کي روزو افطار ڪرايو ان موقعي تي ڳوٺائن پاران پاڪ نيوي جي اهڙي نيڪ ڪم جي تعريف ڪئي وئي.

بقايا 03

ڪينال ٺاهڻ بند ڪيا وڃن ـ سنڌي عوام سجاڳ ٿي چڪو آهي۔ ڪينال جو ڪم فوري بند ٿيڻ گهرجي۔ تفصيل موجب سنڌو درياءَ مان 6 تڪراري ڪئنال ڪڍڻ خلاف گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول سيدپور جي شاگردن ۽ استادن پاران رٿا خلاف احتجاج رڪارڊ ڪرايو استادن ۽ شاگردن مختيار احمد چانڊيو سليم چانڊيو امتياز چانڊيو. شاويزخاصخيلي۔ حارث چانڊيو ۽ ٻين چيو ته سنڌو درياهه جي پاڻي تي سنڌي قوم جو ئي حق آهي ـ جيڪڏهن ڇهه ڌاڙيل ڪينال ڪڍيا ويا ته سنڌ جي سرسبز ڌرتي بنجر بڻجي ويندي۔ بک ۽ بدحالي وڌي ويندي ـ جڏهن ته اڳ ئي سنڌ جون حالتون خراب آهن اسان پنهنجي درياهه جي وارثي ڪرڻ جو حق رکون ٿا۔ ڪنهن به صورت ۾ ڌاڙيل ڪئنال ڪڍڻ نه ڏينداسين۔ هنن وفاقي سرڪار کان گهر ڪئي ته سنڌوءَ درياءَ تي ڇهن ڪينالن واري رٿا واپس ورتي وڃي ٻي صورت پر امن احتجاج جاري رهندا۔

بقايا 04

ان سلسلي ۾ سيڪنڊ سول جج/ جوڊيشل مئجسٽريٽ سجاول محمد بچل ڀهوڙ جي عدالت گذريل ڏينهن چوهڙ جمالي ٿاڻي تي داخل گٽڪي جي ڪيس جي ٻڌڻي دوران چوهڙ جمالي جي پٺاڻ ڪالوني جي رهواسي ٻن جوابدارن رحيم خان پٺاڻ ولد محمد خان پٺاڻ ۽ عبدالمتين پٺاڻ ولد وزير محمد پٺاڻ تي 2 هزار گٽڪي جون پڙيون رکڻ ۽ وڪڻڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٻنهي جوابدارن کي 3/3 سال قيد ۽ 2/2 لک ڏنڊ روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي.

بقايا 05

خطاب ڪندي گرين سنڌ فائونڊيشن جي سرواڻ ذوالفقار علي مگسي چيو ته ماحولياتي ۽ موسمياتي مسئلن جو حل وڻڪاري سان جڙيل آهي، گرين سنڌ فائونڊيشن وڻڪاري مهم هلائڻ سان گڏ وڻڪاري جي اهميت ۽ فائدن بابت آگاهي پيدا ڪري رهي آهي، وڻ پوکڻ لڳائڻ ماحولياتي ذميواري آهي، اهل علم. اهل قلم ذات ڏٺي، ساڃاهه وند ماحول کي بچائڻ. سنڌ جي بقا لاءِ وڻڪاري جاڳرتا ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. هن چيو ته گرين سنڌ فائونڊيشن طرفان وڻڪاري ڪردار ادا ڪندڙ شخصيتن جي حوصلا افزائي لاءِ گرين هيرو جون اعزازي سندون تقسيم ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي. لاڙڪاڻي شهر ۾ وڻڪاري لاءِ ڪم ڪندڙ شخصيتن کي گرين هيرو جون سنڌو ايوارڊ ڏنا ويندا. تقريب کي خطاب ڪندي جاگير سيده سڪينه بنت الحسين جي متولي سيد دوست علي شاهه چيو ته وڻڪاري ماحولياتي ذميداري سان گڏ مذهبي فريضو آهي، هر ماڻهو ماحوليات جي بقاءِ لاءِ وڻ ۽ ٻوٽا لڳائي. ان موقعي تي جاگير سيده سڪينه ۾ گهڻي وڻڪاري ڪرڻ ۽ ماحول دوست ٻوٽا لڳائڻ تي سيد دوست علي شاهه کي گرين هيرو جي عنوان سان سند ڏني وئي.

بقايا 06

سکر جي دوستن لاءِ هڪ شاندار افطار پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو. هن افطار پارٽي ۾ پيپلزليبر بيورو سکر سنڌ جي نائب صدر سيد قطب علي شاهه، پيپلزليبر بيورو ضلع سکر جي زبير احمد پيو زاهد لاشاري، جمال نوناري، ممتاز ڪوسو عاشق ڪورائي سٽي جي صدر لالا سيف الرحمان خان، جنرل سيڪريٽري آغا بشير ترين، ۽ پيپلزليبر بيورو سکر سٽي جي عهديدارن علي بخش رڊ ايوب شر حبيب الله پنهور، انفارميشن سيڪريٽري علي حسن منگي، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ماجد علي ڪوسو ۽ پيپلزليبر بيورو ڊويزن جا آفاق منگي ۽ سکر سٽي جا ميڊيا ڪوآرڊينيٽر امداد علي ڪلوڙ پڻ شرڪت ڪئي. سيد قطب علي شاهه پنهنجي خطاب ۾ چيو ته رمضان رحمتن ۽ برڪتن جو مهينو آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن کي مغفرت عطا فرمائي ٿو هن رمضان ۾ انسانيت، قرباني ۽ صبر جو اهم سبق آهي. ۽ ان مهيني ۾ ضرورت مند ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي سان محبت سان پيش اچڻ جو وقت آهي. اڪبر سارنگ چانڊيو افطار پارٽي ۾ شرڪت ڪندڙ سڀني جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته پيپلز ليبر بيورو هميشه عوام جي خدمت ۾ پيش پيش رهيو آهي. هن چيو ته اهڙيون افطار پارٽيون عوام ۾ محبت ۽ اتحاد جو جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ اهم آهن. جيڪي ماڻهن کي هڪٻئي جي خوشين ۾ شامل ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿيون. پيپلز ليبر بيورو سکر ڊويزن هميشه عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندو رهندو ۽ اهڙين افطار پارٽين سان عوام ۾ هڪجهڙتي ۽ تعاون جو جذبو وڌايو ويندو.

بقايا 07

رپورٽ موجب: سنڌو درياءَ مان 6 نوان ڪئنال ڪڍڻ خلاف گورنمينٽ ڪئمپس هاءِ اسڪول مڏ جي شاگردن، شاگردياڻين ۽ استادن هٿ ۾ نعري وارا پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي ريلي ڪڍي احتجاج مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري جي اڳواڻي استاد شوڪت علي گانگهرو، استاد آفتاب احمد خاصخيلي، استاد شفقت چنو استاد فضل مرڪنڊ، استاد چٽل ميمڻ ۽ ٻين استادن سنڌوءَ تي ڌاڙا نامنظور ۽ نوان ڪئنال نامنظور جا نعرا لڳائي احتجاج مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي استادن ۽ شاگردن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌو درياءَ سان ئي سنڌ ماڻهن جو جياپو آهي، ان ۾ موجود پاڻيءَ سان ئي اسان جون زمينون آباد آهن. هاڻي وفاقي حڪومت هڪ سازش تحت پنجاب جون بنجر ناڪارا زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ 6 نوان ڪئنال ڪڍي سنڌين جي هزارين ايڪڙ آباد زمينن کي بنجر بڻائڻ ناڪام ڪوشش ڪئي پئي وڃي. جنهن کي سنڌ قوم مسترد ڪري ٿي. اها اسان کي ڪڏهن به قبول نه هوندو. هنن وڌيڪ چيو ته پنجاب ۽ وفاقي سرڪاري کي گهرجي ته سنڌ کي پنهنجي حصي مطابق جيئڻ جو حق ڏئي. ۽ پنهنجي ڪيل فيصلن کي واپس وٺي سنڌ قوم ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪري ٻي صورت ۾ اسان ڪٿي مجبور ٿي روڊن تي نه نڪري پون.

بقايا 08

وڪوڙجڻ لڳا خبر موجب روهڙي شهر ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ ڪيميڪل مليل ۽ ملاوٽ واري کير جو وڪرو عروج تي پهچي ويو آهي ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن بيدل بيڪس ڪالوني جي رهواسي رٽائرڊ استاد لونگ فقير مگنهار پاران ڪيميڪل واري کير جو وڊيو وائرل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته کير ۾ ڪيميڪل نظر اچي رهيو آهي ان ڏس ۾ شهرين ۽ سماجي اڳواڻن جان محمد ڀٽو،فقير لونگ مگنهار،سيد اعجاز حسين شاهه ۽ ٻين ڊي سي سکر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور نوٽيس وٺي روهڙي ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ رمضان شريف جي ڀلاري مهيني دوران ملاوٽ ۽ ڪيميڪل وارو کير وڪرو ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي جي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويندو

بقايا 09

انتظاميه ۽ لاڙڪاڻو پوليس جي لاپرواهي سبب لاڙڪاڻي شهر سميت آس پاس جي علائقن ۾ رمضان آرڊيننس جي سرعام ڀڃڪڙي ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته انتظاميه ۽ پوليس جي سرپرستي ۾ شهر اندر هوٽلن سميت کاڌي پيتي جا دڪان هلي رهيا آهن. جن کان ڪو به پڇڻ وارو ناهي ائين محسوس ٿي رهيو آهي ته اسان جو شهر مسلمانن جو شهر ئي ناهي رهيو، جنهن سبب روزيدارن جي دل آزاري ٿي رهي آهي، اهڙي عمل جي اسين سخت لفظن ۾ مذمت ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته اڳ رمضان الڪريم جي ڀلاري مهيني جو احترام ڪيو ويندو هو ۽ انتظاميه توڙي پوليس پاران رمضان آرڊيننس جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڪاروايون ڪيون وينديون هيون پر هن سال اهڙو ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه پيو اچي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي ٻين شهرن ۾ رمضان الڪريم جي مهيني ۾ بچت بازارون قائم ڪيون ويون آهن. پر افسوس جو لاڙڪاڻو اهو نڌڻڪو شهر آهي. جتي هن بابرڪت مهيني ۾ روزيدار مسلمانن کي رليف مهيا ڪرڻ لاءِ ڪا به بچت بازار ناهي لڳائي وئي، جيڪو سنڌ حڪومت، چونڊيل نمائندن ۽ ضلعي انتظاميه مٿان سواليه نشان پڻ آهي. هن سنڌ حڪومت، ضلعي انتظاميه، چونڊيل نمائندن ۽ لاڙڪاڻو پوليس جي اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي معاملي جو نوٽيس وٺي رمضان آرڊيننس جي خلاف ورزي ڪندڙن خلاف ڪاروايون ڪرڻ سان گڏ شهر اندر بچت بازار قائم ڪري شهرين کي رليف مهيا ڪيو وڃي.

بقايا 10

سيوهڻ پريس ڪلب اڳيان احتجاج، مجبوري ۾ 2 ايڪڙ زمين ڪپائي مٿي ڄاڻايل سرڪاري ڪامورن مونکان 3 لک 26 هزار روپيا ڦري ويا، پيرسن محمد يوسف لغاري جو الزام، خبرموجب جوهي تعلقي جي ڳوٺ احمد خان لغاري واسي پيرسن آبادگار محمد يوسف لغاري جو سيوهڻ پريس ڪلب اڳيان ٽپيدار جوهي ارشاد لغاري اي سي جوهي، مختيار ڪار جوهي ۽ زرعي بئنڪ جي مينيجر جي ظلم زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي پيرسن آبادگار الزام لڳائيندي چيو ته ٻوڏ سبب منهنجو گهر ڊهي پٽ پئجي ويو هو فصل تباهه ٿي ويا منهنجي گهرواري گهر نه هئڻ ڪري فوت ٿي وئي جنهنڪري مجبوري ۾ مون پنهنجي 2 ايڪڙ زمين ڪپائي جنهن جو فرد وٺڻ لاءِ ٽپيدار ارشاد لغاري وٽ ويس جنهن مونکي مهينو چڪر ڪاٽيا بعد ۾ چيو ته توهان ڏانهن قرض رهيل آهي توهان جي زمين گروي ٿيل آهي جنهنڪري مونکان 3 لک 26 هزار روپيا زبردستي ڦري ويا آهن مون ڏانهن ڪيون مون ڏانهن ڪو به قرض ناهي نه ئي زمين گروي ٿيل آهي ڪوڙو ڊرامون ڪري اي سي جوهي مختيار ڪار جوهي زرعي بئنڪ جو مينيجر ۽ ٽپيدار ارشاد لغاري پاڻ ۾ ملي ڀڳت ڪري مونکان 3 لک 26 هزار روپيا زبردستي ڪڍي ويا آهن ۽ منهنجي ڪاغذن ۾ منهنجي تصوير هٽائي ٻئي ڪنهن ماڻهون جي تصوير لڳائي ڇڏي اٿن اهڙي شڪايت ڊي سي دادو کي ڏني پر مونسان انصاف نه ڪيو ويو هن چيو ته انصاف لاءِ آفيسرن جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيو آهيان پر ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي هن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ اعلي اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته معاملي جي جاچ ڪرائي مون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 11

رهيا آهن. جتي سيڪيورٽي اهلڪارن کي پستول جي ٽرگر تي آڱرين سان ڏٺو ويو آهي. جڏهن ته اصولي طور تي انهن کي پنهنجي هٿيارن کي هولسٽر ۾ محفوظ رکڻ گهرجي. اچو ته اهو ڪريون، ۽ هتي جو ماحول اڳ ۾ ئي بيچيني ۽ پريشاني سان ڀريل آهي. اهڙي صورتحال ۾، والدين اسپتال جي ٻاهران هٿياربند محافظن پاران هٿيارن جي کليل نمائش کان وڌيڪ خوفزده ٿي ويندا آهن. مريضن جي سنڀاليندڙن جو چوڻ آهي ته سيڪيورٽي اهلڪارن کي ذميواري سان پنهنجو فرض ادا ڪرڻ گهرجي. پر هٿيارن جي نمائش غير ضروري خوف جو سبب بڻيل آهي. قانوني ماهرن ۽ سيڪيورٽي ماهرن موجب اسپتالن جهڙن حساس هنڌن تي سيڪيورٽي اهلڪارن کي پنهنجا هٿيار خاص هولسٽرن ۾ رکڻ گهرجن. ۽ صرف هنگامي حالتن ۾ استعمال ٿيڻ گهرجي. ڪنهن به غير ضروري حرڪت دوران پستول کي هٿ ۾ رکڻ يا ٽرگر تي آڱر رکڻ کي سيڪيورٽي پروٽوڪول جي خلاف ورزي سمجهيو ويندو آهي. اهو عمل نه رڳو خوف پيدا ڪري سگهي ٿو پر ڪنهن به اڻ وڻندڙ حادثي جو سبب پڻ بڻجي سگهي ٿو مريضن جي وارثن ۽ شهرين لاڳاپيل اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته اسپتال ۾ مقرر سيڪيورٽي گارڊن کي سخت هدايتون ڏنيون وڃن ته اهي پنهنجا فرض پيشيوراڻي انداز ۾ ۽ غير ضروري هٿيارن جي نمائش ذريعي سرانجام ڏين. والدين کان پاسو ڪرڻ جو چوڻ آهي ته اسپتال جي ماحول کي محفوظ ۽ پرامن بڻائڻ لاءِ ضروري آهي ته سيڪيورٽي گارڊن کي تربيت ڏني وڃي ته جيئن اهي مريضن سان نرمي رکن ۽ حفاظتي قدمن جي اصولن تي سختي سان عمل ڪن. اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته فوري نوٽيس وٺي شهرين ۽ سماجي تنظيمن سول اسپتال انتظاميه ۽ اعليٰ سيڪيورٽي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي سيڪيورٽي گارڊن جي رويي کي درست ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن

بقايا 12

ڪان لاهور ويندڙ تيز گام ايڪسپريس جي روهڙي ريلوي اسٽيشن جي ويجهو هڪ بوگي پٽڙي تان لهي وئي ڊرائيور جي بروقت هوشياري سبب مسافر ٽرين حادثي کان بچي وئي ان ڏس ۾ ريلوي اختيارن جو چوڻ آهي ته ٽريڪ کي بحال ڪيو ويو آهي، حادثي کان فوري طور تي ڪجهه ڪلاڪن تائين مختلف ٽرينن کي مختلف هنڌن تي روڪيو ويو هو ريلوي ٽريڪ کي بحال ڪري سڀئي ٽرينون رواني ڪيون ويون آهن.

بقايا 13

۽ آپڪا پاڪستان چاچڙ گروپ جي ملازمن طرفان پگهارون بند هئڻ ۽ ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ 18 ڏينهن به پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. جنهن جي اڳواڻي خالد سمنگ، تسڪينه زيدي، پٺاڻ خان مهر، محرم علي، خليل احمد شيخ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيو ته گذريل 7 مهينن کان پگهارون بند آهن جنهن سبب سخت ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهيون، پينشن ٽريزري ذريعي آن لائين ڪرائي وڃي 2012 کان ختم ڪيل گروپ انشورنس بحال ڪئي وڃي، 2016 ۾ جواب گريڊ ٿيو آهي، انهن جي وڌيل پگهار ڏني وڃي، هنن سنڌ جي وڏي وزير ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو ته بند پيل پگهارون جاري ڪري ٻيا جائز مطالبا حل ڪيا وڃن، هنن سنڌ حڪومت کي چتاءُ ڏنو ته ڏيو ته اسان جا مطالبا تسليم ڪيا وڃن.

بقايا 14

ڪندي چيو آهي ته سنڌو دريا تي ڪئنال ٺاهڻ سنڌ ڌرتي کي سڪائڻ جي ڪوشش آهي اسان سنڌو درياءَ تي ڪئنال ٺاهڻ جي مخالفت ڪريون ٿا وفاقي حڪومت کي فوري طور تي سنڌو درياهه مان ڪئنال ٺاهڻ وارو فيصلو واپس وٺڻ گهرجي هن چيو ته ڀٽائي جا مريد ۽ عقيدت مند سنڌو دريا مان ڪئنال ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪندا سين سنڌ جي بقا ۽ ترقي توڙي خوشحالي لاءِ هميشه دعاگو آهيون ڪو به سنڌ واسي وفاقي حڪومت جي اهڙي فيصلي کي قبول نه ڪندو. سنڌ سان ٿيندڙ زيادتين ۽ ناانصافين تي سموري سنڌ سراپا احتجاج بڻيل آهي شاگرد، وڪيل، سياسي سماجي ڌريون، مذهبي تنظيمون احتجاج ڪري رهيون آهن ان باوجود وفاقي حڪومت پنهنجي ضد تي قائم آهي جنهن سان پوري دنيا اندر بهتر تاثر نه ويندو. حڪمرانن کي پنهنجي عوام جو احساس رکڻ گهرجي، اسين ڪئنالن کي مڪمل طور تي رد ڪريون ٿا جنهن لاءِ فوري طور تي وفاقي حڪومت اهڙي سنڌ دشمن منصوبي جو فيصلو واپس وٺي ٻي صورت ۾ سنڌ سموري ۾ وڌيڪ سراپا احتجاج بڻجي ويندي. ان موقعي تي شاهه لطيف پريس ڪلب ڀٽ شاهه جو جنرل سيڪريٽري رجب علي بوزدار ,امتياز علي ابڙو, راجا وساڻ, امير علي بلڊي ,پيرل فقير لطيفي ,سليم مغل ۽ ٻيا به موجود هئا ,

بقايا 15

جي صدر بهادر خان ابڙو جي اڳوائي ۾ عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان هڪ تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ عورتن جي حقن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ۽ معاشري ۾ عورتن جو ڪردار بيان ڪيو ويو مرڪزي چيئرمين راڻا غلام نبي راجپوت ۽ ٻين اڳواڻن پنهنجي خطاب ۾ چيو ته معاشري ۾ عورتن جو ڪردار تمام وڏو آهي عورت ماءُ به آهي ڀيڻ به آهي نياڻي به آهي ته عورت زال جي طور تي به هڪ اهم ڪردار آهي جيڪا نه صرف گهر تائين محدود آهي پر اسان جي هن سماج ۾ عورت کي مردن جي برابر پنهنجا حق مليل آهن ۽ انهن کي اهي پنهنجا حق ملڻ گهرجن. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي به عورتن کي تمام گهڻو ڳايو ذڪر ڪيو آهي، عورت کان سواءِ اسان جو هي معاشرو اڻ مڪمل آهي. منعقد ڪيل سيمينار ۾ هيومن رائيٽس پروٽيڪشن جي مختلف شهرن سان تعلق رکندڙ عهديدارن ۽ ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ ڊاڪٽر اياز علي چنڊ ,گلزار احمد راجپوت، خالد حسن ڪاڪا، شاهد قمبراڻي، رجب علي بوزدار , علي مور بگٽي، راڻا سهيل, الهڏنو بلوچ، سومار ٿهيم ۽ ٻيا به موجود هئا .

بقايا 16

. اي ايس آءِ مختيار انڙ اسٽاف سميت گجهڙ ڦاٽڪ تي چيڪنگ دوران منشيات فروش صدام ولد ميهر رنگ کي 1950 گرام چرس سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي ان موقعي تي ايس ايڇ او ڏوڪري مختيار احمد ٻهلڪاڻي جو چوڻ هو ته گجهڙ ڦاٽڪ تي اسٽاف سميت چيڪنگ ڪري رهيا هئاسين ته منشيات فروش صدام ولد ميهر رنگ کي 1950 گرام چرس سميت گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 17

جي اڳوائي ۾ سنڌو درياهه تي ڪئنالن خلاف اسڪول کان ناروشاهه لنڪ روڊ تائين هڪ وڏي ريلي ڪڍي ريلي ۾ سوين شاگردن شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اسڪول جي استادن جو چوڻ هو ته سنڌو دريا اسان جي جياپي جو سبب آهي جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ سُڪڻ ڪون ڏينداسين. هيڊ ماستر شاهد حسين وسطڙو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پنجاب زبردستي سان سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍي پنهنجون بنجر زمينون آباد ڪرڻ لاءِ اسان جي سرسبز شاداب سنڌ کي برباد ڪري رهيو آهي جنهن سنڌ جو عوام ڪڏهن به اجازت نه ڏيندو هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ جو ٻچو ٻچو جان ته ڏئي سگهي ٿو پر ڪئنال ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪون ڪندو

بقايا 18

7 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ خلاف ملازمن سرفراز چنا، فقير نياز ڪلهوڙو، نثار خاصخيلي ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو دهل وڄائي احتجاج ڪيو، اڳواڻن جو چوڻ هو ته 20 ڏينهن کان احتجاج ڪري رهيا آهيون ڪوبه ٻڌڻ ۽ نوٽيس وٺڻ وارو ناهي 7 مهينن کان پگهارون ۽ پينشن بند هجڻ سبب سنڌ ۾ هڪ هزار خاندان ڦاقاڪشي ڪاٽڻ تي مجبور آهن پگهارون نه ملڻ سبب گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه ناهي، ٻار ٻچا بکون ڪاٽي رهيا آهن هنن چيو ته 20 ڏينهن کان علامتي بک هڙتال تي ويٺل آهيون سنڌ حڪومت ۽ ڪابينا کي ملازمن جا مسئلا نظر نه ٿا اچن پگهارون ۽ پينشن جاري ڪري ملازمن مان بيچيني دور ڪئي وڃي.

بقايا 19

مظاهرو دڪاندار عبدالعزيز سولنگي ، آصف منگي، نزاڪت نائچ ، صدر قمبراڻي ، اسد سمون ، بشير جوڳي ، مرتضي ٻير ۽ ٻين درزين پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي سخت نعريبازي ڪندي چوري ٿيل سامان جي واپسي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته ڪڪڙ ۾ معشوق ٻير جي درزڪي دڪان مان نامعلوم چور تالا ٽوڙي گراهڪن جا آيل عيد جا 150 سئو کان وڌيڪ سبيل ۽ اڻ سبيل ڪپڙن جو جوڙا چوري ڪري کڻي ويا آهن . چوري جي واقعي کي 2 ڏينهن گذري چڪا آهن پر اڃا تائين ڪڪڙ پوليس سامان واپس ڪرڻ ۽ جوابدار گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪي به جوڳا قدم نه کنيا آهن پوليس چورن خلاف ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ئي ناهي . ڪپڙن جا جوڙا گراهڪن کي نه ملڻ ڪانپوءِ هو اسان کي تنگ ۽ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن غريب مسڪين پورهيت ماڻهون سخت پريشاني جو شڪار ٿي ويا آهيون عيد جي موقعي دوران بدامني چوٽ چڙهي وئي آهي

بقايا 20

پنهنجو احتجاج جاري رکيو ويو ان سلسلي ۾ سنڌ پروفيسرس اينڊ ليڪچررس ايسوسيئيشن سپلا ضلعي پاران لاڙڪاڻي جي سڀني ڪاليجن ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو گرلس ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻو ڊگري ڪاليج رتوديرو، حيدر بخش جتوئي ڊگري ڪاليج ڏوڪري، ڊگري ڪاليج نئون ديرو ۽ ٻين ڪاليجن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا آهن. جتي استادن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي تدريسي عمل جاري رکيو احتجاج دوران سخت نعريبازي ڪندي پروفيسرن مطالبو ڪيو آهي ته سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ بند ڪريو. جبري بدليون نامنظور. پروفيسر لعل بخش سوهو کي رپورٽ ڪرائڻ نامنظور. بورڊ ٿو ۽ ون جو انعقاد جلدي ڪريو فائيو ٽيئر جلدي ڏيو جهڙا اپ ڏاريندڙ نعرا هڻندا رهيا. ان موقعي تي خيالن جو اظهار ڪندي سپلا سکر ريجن جي صدر پروفيسر ملهار سنڌي، ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر پروفيسر شهاب الدين، پروفيسر لعل بخش ڪلهوڙو، پروفيسر عمران علي سودر ۽ ٻين چيو آهي ته سنڌو درياهه اسان جو جياپو ۽ سنڌ جو تاريخي ورثو آهي ان مان ڪئنال ڪڍڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين اڳواڻن چيو ته اڄ حڪمرانن جي هٺ ڌرمي سبب سڄي سنڌ سراپا احتجاج آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته سيڪريٽري ڪاليجز سنڌ جي تعليمي نظام کي تباهه ڪرڻ واري ايجنڊا تي عمل پيرا آهي نون ليڪچرارن کان لکين روپيا وصول ڪري ڪين اتي مقرر ڪيو وڃي جتي سنڌن ضرورت نه آهي اسين اهو سمجهون ٿا ته جبري بدليون ڪرپشن بيسڊ آهن پروفيسر لعل بخش سوهوءِ پروفيسر منصور چاچڙ کي اگر ساڳين جاين تي واپس نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪرڻ جو اعلان ڪريون ٿا هنن چيو ته سپاٽي به سڄي ريجن ۾ احتجاج جاري رهندو.

بقايا 21

خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان مقتول جون تصويرون کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ عورت ڪبريٰ بروهي پنهنجي مڙس غلام محمد بروهي، ڌيءَ پرينا ۽ ڀيڻ شاهده بروهي سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته منهنجو ڀاءُ رياض بروهي دبئي ۾ پورهيو ڪري گهر ڀاتين جو پيٽ گذر ڪندو هيو جيڪو ڪجهه عرصو اڳ موڪل وٺي پنهنجي گهر آيو هيو. هن الزام لڳايو ته گذريل 24 جنوري تي ڀاءُ رياض بروهي مون کي ساڻ ڪري موٽرسائيڪل تي سوار ٿي ڳوٺ کان لاڙڪاڻي شهر طرف اچي رهيا هئاسين ته رستي ۾ لاشاري ٿاڻي جي حد وارهه بئراج وٽ موٽرسائيڪل تي سوار ساڳي ئي ڳوٺ جي رهواسي جوابدارن خالد بروهي، اسد بروهي ۽ محمد نواز بروهي گوليون هڻي ڀاءُ رياض حسين بروهي کي بيدردي سان قتل ڪرڻ بعد 2 لک روڪ رقم ۽ هڪ سوني چين ڦر ڪري فرار ٿي ويا، اهڙي واقعي جو ڪيس منهنجي فرياد تي حد جي لاشاري ٿاڻي تي ڄاڻايل جوابدارن داخل ڪيو ويو پر هن وقت تائين پوليس ڀاءُ جي قتل ۾ ملوث هڪ به جوابدار کي گرفتار ناهي ڪيو ويتر جوابدار ڌر طرفان اسان کي ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ موت مار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي. هن آءِ جي سنڌ سميت لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڀاءُ جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪين سزا ڏئي مقتول جي خون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 22

ميهڙ ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيوان موقعي تي ٻارڙي جي ڏاڏي حبيبان الزام لڳائيندي چيو ته منهنجي ننهن ميهڙ ۾ علي ڪلينڪ ۾ نارمل ڊليوري ڪرائڻ بعد معصوم ٻارڙي کي جنم ڏنو ٻارڙي زنده پيدا ٿي هئي پر ان کي سنڌس ناني زڪيا , سبحانا ۽ هڪ جوابدار اسلم چانڊيو تي تازو ڄاول معصوم نياڻي کي گهٽا ڏئي قتل ڪرڻ جو الزام هڻيو آهي هن چيو ته سال اڳ ۾ اسان عاصما جو سڱ 7لکن عيوض پنهنجي پٽ محمد حنيف جانوري سان شادي ڪرائي پر ننهن عاصما 2مهينن بعد ناراض ٿي پنهنجي والدين جي گهر ٽرڙي محبت ۾ رهيل هئي ۽ ڪورٽ ۾ مڙس خلاف خرچ ڏيڻ جي درخواست داخل ڪئي منهنجو پٽ محمد حنيف جانوري پنهنجي زال عاصمه کي خرچ ڏيڻ لاءِ ويو ته گذريل چارمهينن کان منهنجو پٽ محمد حنيف جانوري گم آهي هنن الزام هڻندي چيو ته منهنجي ننهن ڳورهاري هئي جنهن ٻارڙي کي جنم ڏئي قتل ڪري ڇڏيو آهي هنن احتجاج ڪندي ڪيس داخل ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي

بقايا 23

شاهه صحت کاتي جي صوبائي وزير ڊاڪٽر عذره پيچوهو چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف منير شاهه ۽ سيڪريٽري پاپوليشن عبدالحفيظ عباسي کي خط لکيو ويو آهي، جنهن ۾ ڀيرل دايو ڄاڻايو آهي ته گهوٽڪي مان برطرف ڪيل 18 ملازمن کي بحال ڪرڻ سان گڏ سنڌ جي مختلف ضلعن مان 450 ڪانٽريڪٽ ملازمن کي ريگيولر ڪندي ملازمن جا پروموشن ڪيا وڃن. جڏهن ته سوشل ميل موبلائيزرن جي گريڊ کي اپ گريڊ ڪري ڪين ٽائيم اسڪيل ڏئي ملازمن مان ڇانيل بيچيني ختم ڪئي وڃي. جڏهن ته پراڻن ملازمن جي اپگريڊيشن بحال ڪري رهيل ملازمن جي گريڊ کي اپگريڊ ڪري سڀني ملازمن کي ٽائيم اسڪيلن ڏين سنڌن کي ريگيولر ڪري انهن کي پروموشن ڏئي ڪين گريڊ کي اپگريڊ ڪري ٽائيم اسڪيل ڏيڻ جو آپڪا مطالبو ڪري رهي آهي. هن وڌيڪ ڄاڻايو ته 18 هين ترميم کان پوءِ وفاق کان صوبن ڏانهن منتقل ڪيل آفيسرن کي ريگيولر ڏئي ڪين پروموشن ڏنا ويا، باقي ننڍن ملازمن جو ڪهڙو قصور آهي جو هنن کي به ريگيولر ڪيو وڃي، سرڪاري نوڪرين ميرٽ جي بجاءِ سياسي بنيادن تي ورهائڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي، جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر، آءِ بي ۽ وزارتي ڪاميٽي جي ذريعي ڀرتين واري پاليسي کي ملازمن رد ڪري ڇڏيو آهي، اداري جي سيڪريٽرين ۽ سربراهن معرفت ڀرتيون ڪيون وڃن، ڊپٽي ڪمشنرن ذريعي ڀرتين کي ميرٽ جو قتل تصور ڪيو ويندو، جڏهن ته رٽائرڊ ملازمن کي فوري طور تي گروپ انشورنس ڏئي سنڌن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي، جڏهن ته پيٽرول، ڊيزل ۽ تيل جي قيمتن ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي، بجلي گئس جا پراڻا بل معاف ڪري سستي اگهه تي بجلي ۽ گئس فراهم ڪئي وڃي، بجلي ۽ گئس جي لوڊشيڊنگ پڻ ختم ڪئي وڃي، ادارن ملڪ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، ملڪ تي سياستدانن ۽ آفيسر شاهي جو قبضو آهي، روڊن تي احتجاج نه ٿا ڪرڻ چاهيون، پر اسان کي ان عمل ڪرڻ تي مجبور ڪيو ٿو وڃي، جڏهن ته مطالبا نه مڃيا ويا ته عوام، ميڊيا ۽ ملازمن کي ساڻ ڪري احتجاج ڪبو.

بقايا 24

گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جو چوڻ هو ته چار ڏينهن اڳ مبينا ڀتو نه ڏيڻ تان لڪڻ برادري جي ڏوهارين جو راهوجا برادري جي ڪاروباري شخص عاشق علي راهوجو جي گهر مٿان حملو ڪري گهر ۾ ڀڃ ڊاهه ڪندي ڪار ۽ درين جا شيشا ڀڃي ڇڏيا ڪهاڙين ۽ هٿيارن جي فائرنگ سبب ساجد علي پٽ عاشق علي راهوجو سميت ست ڄڻا زخمي ٿي پيا واقعي جو حد ٿاڻي تي ڪيس داخل هجڻ باوجود پوليس هڪ به جوابدار گرفتار نه ڪيو هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي سکرسميت اعلي اختيارن کان مطالبو ڪيو جوابدار خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 25

ست نه سهندي سيوهڻ جي اسپتال ۾ فوت ٿي ويو آهي، فوتي جو مڙهه ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو منتقل ڪيو ويو جتي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي ابائي ڳوٺ بختيار شاهاڻي لاش کڻائي ويا. ياد رهي ته ٽي ڏينهن اڳ ٽن ڦورن پاران سبزي منڊي جي واپاري امير پند کان ڦرجي ڪوشش ڪئي هئي مزاحمت دوران واپاري کي زخمي پڻ ڪيو ويو هو واپاري جي رڙين تي علائقي واسين هڪ ڦورو کي سوگهو ڪري وڌو ته سنڌس ساٿي ڦورو جي مبينا فائرنگ ۾ سوگهو ٿيل ڦورو زخمي ٿي پيو هو پوليس پهچي زخمي ڦورو کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو جتي زخمي ڦورو جي سڃاڻپ اسد شاهاڻي طور ٿي هئي، زخمي ڦورو جي حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ سبب سيوهڻ اسپتال ريفر ڪيو ويو جتي رات دير سان زخمن جي ست نه سهندي فوت ٿي ويو، پوليس موجب واپاري امير پند جي فرياد ٽن ڦورو خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو جڏهن ته فوتي ڦورو مٿان اڳ ئي ارادائي قتل، چوري ۽ ڊيوٽي اٽڪا سميت ٿي ڪيس داخل هئا.

بقايا 26

ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ جو الزام. پيرائتي خبر موجب گيريلي شهر جي بس اسٽاپ جي ابڙا پاڙي ۾ سالي کي مبينا طور اغوا ڪرڻ جي ڪيس ۾ گرفتار نوجوان شاهنواز ابڙو جي امڙ روشن خاتون قرآن پاڪ کڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته منهنجو پٽ ڪجهه ڏينهن اڳ پنهنجي زال مٿان الزام مڙهي ڪيس گهران ڪڍي ڇڏيو هو جنهن جو وير ٻارڙن لاءِ سنڌس سهري والد بخش ابڙو پنهنجي پٽ ڊي پوٽر کي اغوا ڪرڻ جو ڪوڙو ڊرامو رچائي منهنجي پٽ مٿان ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي جنهن ۾ ڪا به صداقت ناهي منهنجو پٽ هڪ مسڪين ۽ بيمار شگر جو مريض آهي جنهن جي سموري شهر کي خبر آهي ته هو شريف انسان آهي هن روئندي ٻڌايو ته منهنجو پٽ چئين ڏهاڙن کان بيگناهه ٿاڻي ۾ بند آهي اسان سان انصاف ڪيو وڃي هن ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري کان مطالبو ڪيو ته هڪدم نوٽيس وٺي داخل ڪيل ايف آءِ آر جي قرآن پاڪ تي شفاف انڪوائري ڪرائي منهنجي بي ڏوهي پٽ کي آزاد ڪيو وڃي.

بقايا 27

۾ گرفتار جوابدارن کي ڪنڊيارو جي فرسٽ جوڊيشل مئجسٽريٽ محمد دائود ڪيهر جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو گرفتار ٿيل جوابدارن قائم علي شاهه، ديدار هنگورو ڪاشف مهر، جمن عرف شاهد هنگورو ۽ صدام شاهه کي عدالت آندو ويو جتان عدالت جوابدارن کي چئن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ڪنڊيارو قومي شاهراهه تان ڪار سوار هٿياربند سرنهن جي تيل سان ڀريل ٽينڪر ڦر ڪيو هو

بقايا 28

اتحاد نصير آباد جي اڳواڻن پنهنجي وارڊ نمبر 12 ۾ بنيادي سهولتون ۽ ترقياتي ڪم نه ٿيڻ خلاف وارڊ جي ڪائونسلر خلاف نيشنل بينڪ اڳيان ميڻ بتيون ٻاري خاموشي اختيار ڪري انوکو احتجاج ڪيو ويو. احتجاج ڪندڙن جي بينرن ۽ پلي ڪارڊ ۾ بلدياتي اليڪشن کان پوءِ وارڊ 12 جو کٽيل ڪائونسلر لاپتا ٿي ويو آهي. جنهن جي آسري جنگي واهه محلي جو ڪم رُڪيل آهي. اهڙي قسم جا نعرا لکيل هئا. پلي ڪارڊ تي اهو لکيل هو ته نه صفائي آهي نه ئي اسٽريٽ لائيٽون آهن نه ڪو ترقياتي ڪم ٿي سگهيو آهي سنڌ حڪومت ۽ بلدياتي ادارن کان گهر آهي ته جنهن به ڀاءُ کي وارڊ 12 جو ڪائونسلر نظر اچي ته مهرباني ڪري وارڊ 12 جي عوام کي اطلاع ڏين

بقايا 29

ڳوٺ ٽريچر جي رهواسين طرفان چار ڏينهن اڳ مبينا طور اغوا ٿي ويل ناري بازياب نه ٿيڻ خلاف شهر جي ايس ايس پي چوڪ وٽ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. جتي هنن سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ ڳوٺائي واحد بخش ابڙو پنهنجي پٽن راشد، ارشد ابڙو، علي جان، ڪاشف، ڀائرن محمد ستار، ڏٿي بخش، ارشاد ابڙو ۽ ٻين سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي الزام لڳايو ته تقريبن هفتو اڳ منهنجي بااثر ڄاتي رب نواز ابڙو پنهنجي گهرواري سونم خاتون مٿان ڪوڙو ڪارنهن جو الزام لڳائي ڪيس گهران ڪڍي ڇڏيو هو. جنهن بعد هن چار ڏينهن اڳ منهنجي 16 سالن جي نياڻي پونم کي ڪنهن بهاني سان پنهنجي گهر گهرائي ڪيس هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري کڻي ويو. اهڙي واقعي جو ڪيس منهنجي فرياد تي حد جي گيريلو ٿاڻي تي ڄاتي رب نواز ابڙو، منسب ابڙو سميت ٻن نامعلوم ماڻهن مٿان داخل ڪيو ويو. جنهن تي پوليس ڪاروائي ڪندي ڄاتي کي گرفتار ڪري ٿاڻي تي وٺي آئي. هن وڌيڪ الزام لڳايو ته گيريلو ٿاڻي جي پوليس بااثر ڄاتي سان ٻٽ ٻڌيل آهي. جنهن ڪري پوليس ڳري رشوت عيوض ٿاڻي تي مهمانن جيان ويهاريو آهي. جڏهن ته پوليس نياڻي جي بازيابي لاءِ ڪي به قدم نه پئي کڻي، جيڪا سراسر ناانصافي آهي. هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي گيريلو ٿاڻي جي پوليس کان پڇاڻو ڪرڻ سان گڏ نياڻي کي بازياب ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 30

گرفتار دڪاندار آزاد. 10 ڄڻن مٿان ڪيس داخل، رپورٽ موجب: راڻي پور شهر ۾ وڌندڙ حدخلين کي هٽائڻ لاءِ اي سي سوڀوديرو ڊاڪٽر راڻا حسيب ٽائون عملو ۽ پوليس نفري ساڻس ڪري شاهي بازار، قومي شاهراهه دستگير گيٽ ۽ پراڻي بس اسٽينڊ ڪورٽ روڊ سان ٿيل غيرقانوني حد دخلين هٽرايون. ان دوران ڪيترن ئي دڪاندارن جا وڌايل ڇپرا ڊاهي پٽ ڪرايا ۽ ريڙهي هٽرايا. جنهن دوران ڪافي دڪاندارن سان منهن ماري ٿي پئي، جنهن تي اي سي انهن خلاف ڪاروائي ڪندي ڪين گرفتار ڪرائيو. جنهن بعد شهرين پنهنجا دڪان بند ڪري راڻي پور شهر ۾ جزوي شٽربند هڙتال ڪري راڻي پور ٿاڻي جي مين گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. جنهن جي اڳواڻي سيد ممتاز شاهه اقبال، رفيق، جميل، ساجد ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اي سي سوڀوديرو پنهنجي عهدي جو ناجائز فائدو وٺي اسان شهرين سان غلط رويو اختيار ڪري رهيو آهي. ڪيس فوري هٽايو وڃي. هي بيگناهه دڪاندارن جو نقصان ڪرايو آهي. جڏهن ته اسان ڪيس جي چوڻ تي پنهنجي دڪانن جو پيل سان اندر رکيو ان باوجود به هن اسان شهرين کي بيگناهه گرفتار ڪرايو آهي. اسان جو هي احتجاج ان وقت تائين جاري رهندو جيستائين اي سي هٽايو نه ٿو وڃي. جنهن بعد سماجي اڳواڻ پريس ڪلب راڻي پور جي صدر اڪبر شاهاڻي مظاهرين ۽ اي سي سان ڳالهيون ڪري ڪين ٺاهه ڪرايو ۽ احتجاج ختم ڪرايو. جڏهن ته گرفتار شهرين کي پڻ آزاد ڪرايو ٻئي پاسي اي سي سوڀوديرو جي حڪم تي 10 ڄڻن مٿان ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 31

ڪاٽڻ بعد گذريل ڏينهن بدين جيل مان ضمانت تي آزادي ماڻي نئي واپسي ويندي سجاول مان گذرڻ دوران ملءِ پهلوان سيد اياز شاهه بخاري جو سجاول ۾ پبلڪ پارڪ اڳيان جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي وائيس چيئرمين سيد نواز شاهه پاڏائي، شاهين يوٿ ڪائونسل جي مرڪزي چيئرمين حنيف ميمڻ، جسقم سجاول جي اڳواڻ محمد خان پٺاڻ، ايس ٽي پي سجاول جي اڳواڻن گل حسن رند ۽ دادا سنڌي سميت وڏي انگ ۾ قومي ڪارڪنن ۽ شهرين ڪيس بوسڪي جو پٽڪو ٻڌي ۽ اجرڪون اوڍي استقبال ڪيو ان موقعي تي اياز شاهه بخاري چيو ته هميشه حق سچ جي ڳالهه ڪريو ڪير توهان کي ڪجهه نٿو ڪري سگهي. مون اليڪشن ۾ ظالم وڏيرن سان مهاڏو اٽڪايو ته انهن مونکي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي ٽي مهينا جيل اماڻيو پر جي آئون حق سچ جي راهه ۾ ٽي سال به جيل ڪاٽيا هان ته مونکي پريشاني نه هئي. هن چيو ته آئون سياسي انتقامي ڪاروائين جو شڪار ٿيس ته مونکي سنڌ جي ماڻهن وڏي محبت ڏني آهي جنهن کي آئون وساري نٿو سگهان. ان موقعي تي نواز شاهه پاڏائي، حنيف ميمڻ ۽ محمد خان پٺاڻ چيو ته سيد اياز شاهه ظالم وڏيرن جي ظلم جو شڪار ٿي جيل جون سختيون سهڻ بعد به حق سچ جي راهه تي هلڻ جو وچن ڪيو آهي ۽ اسان به ساڻس وچن ڪريون ٿا ته اسان اياز شاهه سان هر وقت گڏ هونداسين.

بقايا 32

ايجوڪيشن آفيسر اياز حسين مهيسر اسڪول جو دورو ڪري هلندڙ امتحان جو جائزو ورتو. ان موقعي تي اسڪول جي هيڊ مسٽريس عابده چڇڙو ڪيس اسڪول ۾ انتظامن، ليڊي ٽيچرز جي حاضري سميت ٻين معاملن تي ڊي اي او کي بريفنگ ڏني، ڊي اي او اياز مهيسر اسڪول ۾ بهترين ماحول جوڙڻ ۽ منظم طريقي سان امتحان منعقد ڪرائڻ تي ساراهه ڪئي ۽ چيو ته اسڪول جي هيڊ مسٽريس توڙي اسٽاف جون تعليم جي واڌاري ۽ بهتري لاءِ ڪيل ڪاوشون ۽ ڪوششون قابل تعريف آهن. هن چيو ته اسان جي ضلعي ۾ اهڙن آفيسرن جي ضرورت آهي. جيئن تعليم ۽ تدريس جي عمل کي هٿي ملي سگهي.

بقايا 33

جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين کي ڪنڊيارو اسپتال آندو ويو. جتي زخمين جي سڃاڻپ ڳوٺ خدابخش ڪوسو جي رهواسين فوجي مدثر ۽ محمد زمان ڪوسو طور ٿي، زخمين کي طبي امداد ڏيڻ بعد نواب شاهه اسپتال موڪليو ويو آهي

بقايا 34

۽ سنڌ لاءِ سنڌو دريا زندگي ۽ بقا جو مسئلو آهي، سنڌو درياهه مان ڇهه غير قانوني ڪئنال ڪڍڻ سنڌ کي بنجر بڻائڻ جي هڪ وڏي سازش آهي جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو. محسن سجاد اتراءِ ايڊووڪيٽ پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ چيو آهي ته سنڌ جا ماڻهو اڳ ۾ ئي پاڻي جي سخت کوٽ جو شڪار آهن ۽ جيڪڏهن وفاقي حڪومت سنڌو درياهه مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ وارو فيصلو واپس نه ورتو ته ان سان سنڌ جي زراعت، معيشت ۽ روزگار تي تباهه ڪندڙ اثر پوندا. جيڪو ڏوهن ۾ واڌ ۽ بيروزگاري به هڪ اهم سبب آهي ۽ هاڻي حڪومت جي غلط فيصلن سبب زراعت جي تباهي ڪانپوءِ بيروزگاري ۾ واڌ جو خدشو آهي. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن اهو فيصلو واپس نه ورتو ويو ته مجلس وحدت مسلمين ۽ سنڌ جي عوام سخت احتجاج ڪندا. ان احتجاج تحت سڄي سنڌ ۾ ريليون ڪڍيون وينديون، مختلف هنڌن تي ڌرڻا هنيا ويندا ۽ حڪومت کي پنهنجو فيصلو واپس وٺڻ تي مجبور ڪيو ويندو. محسن سجاد اتراءِ ايڊووڪيٽ وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته هو سنڌ جي عوام جي حقن جو احترام ڪري ۽ سنڌو درياءَ مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ جي فيصلي کي فوري طور تي واپس وٺي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ سخت عوامي ردعمل ڏسڻ ۾ ايندو. هن سڀني قومپرست پارٽين، سياسي ۽ سماجي تنظيمن، ۽ سنڌ جي باشعور عوام کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي زمين ۽ پاڻي جي حقن جي تحفظ لاءِ هن اهم مسئلي تي متحد ٿي آواز اٿارين.

بقايا 35

سرمد علي شهاڻي سينئر سپريم ڪورٽ جو وڪيل رفيق احمد ابڙو بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو آهي. انهي موقعي تي سينئر لاڙڪاڻو وڪيل سرمد علي شهاڻي سينئر سپريم ڪورٽ جو وڪيل رفيق احمد ابڙو وڪيل تعلقه بار ايسوسيئيشن جي صدر الطاف حسين ڪوڪر، جنرل سيڪريٽري محمد هاشم چانڊيو. قاضي ديدار علي، محمد جمن ٻگهيو. امداد جويو ڪرن منظور ميراڻي ۽ ٻين چيو ته سنڌو درياهه مان ڇهه ڪئنال اڏڻ سنڌ جي لکين ايڪڙ زرعي زمين غير آباد ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي هنن چيو سنڌو درياهه تي ڌاڙو هڻڻ ڪڏهن به نه ڏينداسين. سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ تيزي سان وڌي رهي آهي. هنن چيو ته پيڪا بل ۽ 26 آئيني ترميم بل ملڪ دشمن بل آهي. پيڪا بل ۽ 26 آئيني ترميم بل واپس ورتو وڃي، ٻي صورت ۾ وڌيڪ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا ---------- 01

ڪندي ڳوٺ جي بااثر جي مبينا ظلم ۽ زيادتين خلاف آواز بلند ڪئي. احتجاج ڪندڙن ۾ سيد نثار علي شاهه، سيد زينل شاهه سيد حسن علي شاهه، سيد فياض حسين شاهه، سيد احسان علي شاهه، سيد علي رضا شاهه ۽ ٻيا شامل هئا. جيڪي انصاف جي حاصلات لاءِ نعره هڻي رهيا هئا. احتجاج ڪندڙن چيو ته مال جي پيل تان منع ڪرڻ تي پاٽاريدار سيد بادشاهه شاهه مڇرجي اسان جي گهرن ڏانهن اچ وڃ وارو رستو بند ڪري ڇڏيو اٿائين. جنهن سبب ڪري اسان روڊ جي پاسي کان وڏو وڪڙ ڪري پوءِ گهرن ڏانهن وڃئون ٿا پيا. اسان جا ٻارڙا به روڊ کان ڦري گهر اچن ٿا، هنن وڌيڪ چيو ته بادشاهه شاهه ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي

بقايا ---------- 02

سنڌو درياءَ تي ٺهندڙ 6 ڪئنالن جي اڏوات خلاف سڀاڻي شڪارپور ۾ احتجاجي ريلي جو اعلان سنڌ فنڪار اتحاد جي مرڪزي چيئرمين فياض لاشاري.جنرل سيڪريٽري ظفر ڪوڪر.عارف ڪلادي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري .علي جان جوکيو نائب صدر ضلع شڪارپور جن ريجنل پريس ڪلب شڪارپور تي پهچي واضع اعلان ڪري ڇڏيو آهي ته سنڌو درياءَ تي ٺهندڙ 6 ڪئنال نامنظور آهن جن جي اڏوات جي اسين ڀرپور مخالفت ڪريون ٿا ان حوالي سان سڀاڻي اربع ڏينهن جهاز چوڪ کان لکيدر تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ويندي جنهن ۾ مختلف سياسي سماجي ادبي صحافتي شخصيتن کي دعوتون ڏنيون ويون آهن ان ڪري اسين هر طبقي سان واسطو رکندڙ ماڻهن کي ان تاريخي احتجاجي ريلي ۾ ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪريون ٿا ڇاڪاڻ ته هي ڪنهن جو به انفرادي مسئلو ناهي هي سڄي سنڌي قوم جو اجتماعي مسئلو آهي سنڌو وهندو رهندو ته اسان جو به جياپو جاري رهندو نه ته سنڌ بنجر بڻجي ويندي ان ڪري شڪارپور جي شعوروندن کي ان ريلي ۾ شريڪ ٿي سنڌي قوم جي ٻڌي جو ثبوت ڏين

بقايا ---------- 03

پ ٽ الف ڪنديارو جي صدر عزيز عباسي جي امڙ ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد وفات ڪري وئي مرحومه جي جنازي نماز اباڻي ڳوٺ مراد ڪلهوڙو ۾ ادا ڪرڻ بعد اتان قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي

بقايا ---------- 04

گهوٽڪي نويد علي ڪوڪر، اسسٽنٽ مختيارڪار ڪامران مهر ۽ ٻين عملدارن سان گڏجي سرحد شهر جي مختلف علائقن ۾ ڇاپا هنيا. ڇاپن دوران شهر جي هوٽلن، ڪرياني اسٽورن، بيڪريز ۽ پيٽرول پمپن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اسسٽنٽ ڪمشنر نويد علي ڪوڪر انتظاميا سان گڏجي سرحد بازار جو دورو ڪيو جتي رمضان آرڊيننس جي ڀڃڪڙي ڪندڙ هوٽلن ۽ دوڪانن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي. شهر جي مختلف بيڪريز ۽ ڪرياني اسٽورن تي به ڇاپا هنيا ويا، جتي عام واهپي جي شين جي معيار ۽ اگهن کي چيڪ ڪيو ويو. ان کان علاوه، گوهر پيٽرول پمپ تي به ڇاپو هنيو ويو، جتي تيل جي پئمائش گهٽ هجڻ جي شڪايت سامهون آئي. ان ڏس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر فوري طور تي پيٽرول پمپ کي سيل ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي، اسسٽنٽ ڪمشنر نويد علي ڪوڪر چيو ته رمضان المبارڪ ۾ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ هرممڪن ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

بقايا ---------- 05

هڪ اهم اجلاس پ پ پ تعلقي جام نواز علي جي صدر نوابزاده جام ظهير علي خان جي صدارت هيٺ جام هائوس جام نواز علي ۾ ٿيو اجلاس ۾ جام اسٽيٽ مينيجر رئيس ميرخان ڪوسو محراب خان جوڻيجو سردار چاڪرخان ملوڪاڻي چيئرمين عابد حسين ڪلوئي چيئرمين اڪبر ڪتوهڙ اخترحسين زرداري ڪامريڊ گلشر مري حاڪم خان مري محمد علي لسڪاڻي محمد علي راجپوت چاڪر خان مري محمد علي جوڻيجو سميت پاڪستان پيپلزپارٽي جيالن ڪارڪن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جا چاهيندڙ ۽ عهديدارن ورڪرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ 4 اپريل تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي ۾ تعلقه جام نواز علي مان هزارين ماڻهن جي شرڪت ڪرائڻ لاءِ اهم فيصلا ڪيا ويا اجلاس کي پ پ پ تعلقي صدر نوابزاده جام ظهيرعلي خان خطاب ڪندي چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اسان پ پ پ ڪارڪنن لاءِ هڪ سياسي نظريو آهي ۽ 4 اپريل تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي سرخ سلام پيش ڪرڻ لاءِ لکين ماڻهون سان گڏ گڙهي خدا بخش پهوندا سئي

بقايا ---------- 06

ڏينهن احتجاج جاري آهي. مغوي علي اصغر منگريو کي 2015 ۾ سکر ايوب گيٽ وٽان اغوا ڪيو ويو هو جيڪو هن وقت تائين بازياب نه ٿيو آهي. جڏهن ته علي اصغر جا اغوا ڪندڙ ۽ ڀنگ جي رقم گهرندڙ نامينٽ هجڻ باوجود ڪاروائي ناهي ٿي سگهي اهڙو اظهار مغوي علي اصغر منگريو جي والد زاهد حسين منگريو سکر پريس ڪلب ٻاهران معصوم پٽ علي اصغر منگريو جي بازيابي لاءِ قائم ڪيل احتجاجي ڪئمپ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو.زاهد حسين منگريو جو چوڻ هو ته جيسي تائين پٽ بازياب نه ٿيندو ۾ امن احتجاج جاري رهندو هڪ سال کان وڌيڪ عرصو لاڳيتو احتجاج ڪرڻ باوجود علي اصغر منگريو بازياب ناهي ٿيو هن اعلي اختيارن کي اپيل ڪئي آهي ته پٽ کي بازياب ڪرائي ڏکويل خاندان جي مدد ڪئي وڃي

بقايا ---------- 07

صدر سيد امجد شاهه وڪيل سيد ظهير شاهه عرفان ماڪٽائي، مراد ساتي، شيز شاهه ۽ ٻيا عهديدار تاجر اتحاد ضلعو ٺٽو جي آفيس پهچي تاجر اتحاد ضلعو ٺٽو جي نئين باڊي صدر اشرف چند ميمڻ، جنرل سيڪريٽري شاهد ممباڻي، نائب صدر محمدموسي سبزپوش سينئر نائب صدر حاجي محمد فيصل ميمڻ، جوائنٽ سيڪريٽري عبدالعزيز جوڳي، خزانچي فرقان شيخ کي سنڌ جي سوکڙي اجرڪون پهرائي مبارڪون پيش ڪيون. انهي موقعي تي پي ٽي آئي جي اڳواڻن جو چوڻ هو ته ٺٽي ضلعي جي تاجر واپارين جي فلاح و بهبود لاءِ نئين باڊي چونڊي هڪ اهم قدم کنيو جيڪو ٺٽي جي ننڍڪي واپارين جي مالڪي جو سبب بڻجندو پي ٽي آئي جي صدر امجد شاهه جو چوڻ هو ته نئين تنظيم سرگرم هجڻ جي ڪري واپارين جي اندر خوشي لهر آهي ۽ هاڻي ٺٽي جا واپاري ننڌٽڪا ناهن، پي ٽي آئي جي قيادت تاجر اتحاد ضلعو ٺٽو جي نئين باڊي سان هر ممڪن سهڪار ڪندي، انهي موقعي تي تاجر اتحاد ضلعو ٺٽو جي نئين عهديدارن پي ٽي آئي اڳواڻن کي تاجر اتحاد ضلعو ٺٽو جي آفيس اچڻ تي کين ڀليڪار ڪيو

بقايا ---------- 08

جي رهواسي زندگي کي خطرو آهي ڏانهن ڪٿي نيشنل پريس ڪلب سينارجا ڀهتي تفصيل سينارجا پرسان پير پيڙو اسٽاپ ڳوٺ غلام اڪبرلنڊ جي رهواسي عورت عزيزان لنڊ مڙس عبدالحميد گهران ڪڍي ڇڏيو آهي جنهن ڪري آئون در بدرري واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهيان مون کي پنهنجي مڙس ۽ ان جي سئوٽ نظام مارڻ جون ڌمڪيون پيا ڏين جنهن ڪري آئون اوهان وٽ انصاف لاءِ پهتي آن آئون مڙس خلاف سينارجا ٿاڻي تي وئي هيس اتي منهنجي ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي سينارجا پوليس منهنجي مڙس کان پيسا ورتا آهن انهي لاءِ مونکي خطرو آهي مون سان انصاف ڪيو وڃي ۽سينارجا پوليس منهنجي فرياد لکڻ لاءِ تيار ناهي خدا جي واسطي مون سان انصاف ڪيو وڃي آئون ايس ايس پي خيرپور صاحب کي ۽ ڊي آءِ جي ميرواهه کي انصاف لاءِ هٿ ٻڌي درخواست پي ڪيان ۽وس وارن کي اپيل پي ڪيان مون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا ---------- 09

لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي چيئرمين اعجاز احمد لغاري طرفان پنهنجي آفيس ۾ پارٽي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان ملاقاتون ڪيون ويون. جتي هن سندن مسئلا معلوم ڪري انهن جي مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل اختيارين سان رابطو ڪري اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جا مسئلا حل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون. ان موقعي تي پي پي پي اڳواڻ اعجاز احمد لغاري چيو ته پيپلز پارٽي هميشه جمهوريت جي پاسداري ڪندي عوام جي خدمت ڪئي آهي. جنهن سبب اڄ به قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو عوام جي دلين تي راڄ ڪري رهيا آهن. هن چيو ته اسان پارٽي جي منشور تي هلندي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ڪو چيئرمين صدر آصف علي زرداري ۽ ايم پي اي فريال ٽالپر جي قيادت ۾ لاڙڪاڻي واسين جي خدمت ڪري رهيا آهيون. جڏهن ته اسان کي قيادت طرفان واضع طور هدايتون ڪيون ويون آهن ته هر صورت ۾ غريب، مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن جي خدمت ڪئي وڃي. ڇاڪاڻ جو پيپلزپارٽي ملڪ جي واحد جماعت آهي. جيڪا هارين، نارين، غريبن، مزدورن، نوجوانن سميت هر مڪتبه فڪر توڙي ڪنهن به رنگ نسل جي مڊل ڪلاس ماڻهن جي پارٽي آهي. ان موقعي تي پي پي پي تعلقي لاڙڪاڻي جو صدر ۽ ضلعي ڪائونسل جو وائيس چيئرمين اسد ڀٽو، پيپلز پارٽي سپاف جو ضلعي صدر عبدالرحمان موريو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا ---------- 10

ان موقعي تي هنن چيو ته ڪئنال وفاق ۽ سنڌ جي ٺاهه سان ٺهن پيا اهو منصوبو سنڌ لاءِ خطرناڪ آهي ڪئنال جي رٿا توڙي زمين جي والار ڪنهن به ريت قبول نه آهي جنهن خلاف ڀرپور مزاحمت ڪئي ويندي هنن چيو ته 1991 ع پاڻي ٺاهه جي پيرا نمبر چار تحت ڪئنال تڏهن ٺاهي سگهجن ٿا جڏهن درياهه ۾ اضافي پاڻي هجي اسان وٽ ايترو پاڻي آهي ئي ڪون جو ڪئنال ٺاهيون. پنجاب ٻڌائي ته نون ڪئنالن لاءِ پاڻي ايندو ڪٿان مطلب ته هو سنڌ جي حصي جو پاڻي ڪٽندا ياد رهي ته پنجاب پنجاب تي درياءَ انڊيا کي وڪرو ڪري ڏئي ڇڏيا هئا ، هنن چيو ته سنڌ سرڪار هر سال سانوڻي کان پوءِ سروي ڪرائي وفاق کي اماڻي، پاڻي جي منصفاڻي ورڇ جي ٽيلي ميٽري سسٽم کي فعال بڻايو وڃي ۽ عالمي ماهرن کان پاڻي جي ڪٽ ڪرائي وڃي پاڻي جي اڪائونٽبلٽي ۽ آڊٽ ٿيڻ گهرجي پنجاب جي هيراڦيري کي چئلينج ڪرڻ گهرجي نه ته نوان ڪئنال ڪڍي سنڌ کي معاشي طور تي تباهه ڪيو ويندو . سنڌو تي ڏاڍا احساس محرومي کي جنم ڏيندا جنهن جا خطرناڪ نتيجا نڪري سگهن ٿا ۽ سنڌ ۾ پاڻي جو سخت بحران پيدا ٿيندو جيڪڏهن 6 نوان ڪئنال ٺهيا ته سنڌ جون زمينون غيرآباد ۽ بنجر بڻجي ويندو لکين خاندان بک ۽ بدحالي جو شڪار ٿي ويندا حڪمرانن کي عقل کان ڪم وٺڻ گهرجي.

بقايا ---------- 11

آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي بلاول ڀٽو چيو ته صدر آصف علي زرداري پارليامينٽ ۾ تاريخي خطاب ڪيو. پهريون ڀيرو ڪنهن سول صدر اٺين دفعو پارليامينٽ سان خطاب ڪيو. هن چيو ته صدر نفرت بدران اميد جي ڳالهه ڪئي. هڪ پاسي صدر جو خطاب هو ته ٻئي پاسي اپوزيشن جو رويو جيڪو سڀني جي سامهون آهي. هن وڌيڪ چيو ته صدر وفاق جو چونڊيل آئيني عهديدار آهي. زرداري صاحب پوري قوم جي مسئلن تي ڳالهايو نون ڪئنالن ڪينالن بابت فيصلي تي سنڌ کي سخت خدشا آهن. اهڙي معاملي تي گڏيل فيصلا ٿيڻ گهرجن. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اسان هر اسيمبلي جي اجلاس ۾ پاڻي جي مسئلي کي اٿاريندا رهيا آهيون. اهو چوڻ ته پيپلزپارٽي ان معاملي تي خاموش رهي آهي نسورو ڪوڙ آهي. هن چيو ته پاڻي جو مسئلو هڪ سنگين مسئلو آهي ۽ سنڌ جي عوام لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال آهي، جيڪڏهن درياهه جي آخري چيڙي تي رهندڙ ماڻهن کي حق نه ڏينداسين ته پوءِ پنهنجو ڪيس ڪيئن وڙهنداسين؟ هن چيو ته اسان وزيراعظم طرفان رات جي ڊنر تي سندس ٿورائتا آهيون. اتي سياست بابت به ڳالهيون ٿيون، معيشيت بابت هاڪاري اشارا اچي رهيا آهن. جنهن پڻ ڳالهه ٻولهه ٿي، اسان پنهنجا خدشا وزيراعظم جي سامهون رکيا، اميد آهي ته ڳالهيون جاري رهنديون. پ پ چيئرمين وڌيڪ چيو ته هن ڪڏهن به نه ڏٺو آهي ته ڪا صوبائي حڪومت عوامي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ دلچسپي نه ڏيکاري. هن خيبرپختونخوا ۾ وڌندڙ دهشتگردي جو ذڪر ڪندي چيو ته اتي صورتحال بگڙي رهي آهي پر وڏي وزير کي ان جي ڪا پرواهه ناهي، وفاق جي به ذميواري آهي ته خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي جي معاملي تي پاڻ نوٽيس وٺي.

بقايا ---------- 12

زرداري جي لاءِ پاڪستان هميشه سڀني کان پهريان آهي هو هميشه پاڪستان کپي جو نعرو لڳائيندو رهيو آهي. پارليامينٽ کي خطاب ۾ صدر آصف زرداري ملڪي مسئلن، فلسطين ۽ ڪشمير جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون ۽ سموري دنيا مان فلسطين طرفان ڌيان ڇڪرائڻ جو مطالبو ڪيو. شازيه مري چيو ته صدر آصف زرداري جو ڪوبه سياسي دشمن ناهي، هن سياسي انتقام ناهي ورتو، اسان جي حڪومت نه آهي. اسان صرف اتحادي آهيون پر صدر اڄ به چوي ٿو ته اسان ڪوبه اهڙو ڪم نه ڪنداسين جنهن سان پاڪستان يا فيڊريشن کي نقصان پهچي. هن چيو ته صدر آهيان فيڊريشن کي نقصان نٿو پهچائي سگهان. پيپلز پارٽي جي اڳواڻ وڌيڪ چيو ته پاڻي جي مسئلي تي حڪومت جي هڪ طرفي فيصلي سان گڏ نٿا بيهي سگهون. صدر پاڻي جي حوالي سان پروپيگنڊا کي ڪالهوڪي تقرير ۾ دفن ڪري ڇڏيو. ڪجهه ماڻهن کي خبرن جي زينت ۾ رهڻ جو شوق هوندو آهي. جڏهن ته ڪجهه ماڻهو پروپيگنڊا ڪندا آهن. پاڪستان کي اڄ ٻيهر دهشتگردي کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. دهشتگردي جي خلاف اسان جي سيڪيورٽي فورسز وڙهي رهي آهي.

بقايا ---------- 13

مطالبو ڪيو آهي ته پيپلز پارٽي وفاقي حڪومت کان الڳ ٿي وڃي. هنن درياءَ سنڌ تي ڇهه نئين ڪينالن جي تعمير خلاف 14 مارچ تي سڄي سنڌ ۾ احتجاج جو اعلان ڪندي غير آئيني ڪينالن جي منسوخي جو مطالبو ڪيو آهي. اڳواڻن چيو آهي ته حڪمران هوش کان ڪم وٺن ۽ نئين ڪينالن جي منصوبي کي ختم ڪري رياست کي بچائن. جيڪڏهن سنڌ جو حق ڦريو ويو ته ايم آر ڊي کان به وڏي تحريڪ جو آغاز ٿيندو. حڪمرانن جي غير منصفاڻن ۽ ناجائز فيصلن سبب سنڌ ۾ تشدد واري صورتحال پيدا ٿيڻ جو خدشو آهي. اهي خيال درياءَ سنڌ بچايو تحريڪ جي ڪنوينر سيد زين شاهه، ڊاڪٽر صفدر عباسي، سردار عبد الرحيم، نصرالله چنه، مسرور سيال، خادم ٽالپور ۽ ٻين اڳواڻن ڪراچي پريس ڪلب ۾ ڀرپور پريس ڪانفرنس دوران ظاهر ڪيا. سيد زين شاهه چيو ته حڪمرانن جي اڻ برابري وارن فيصلن سان رياست جو وجود خطري ۾ پئجي ويو آهي، انصاف ملڻ مشڪل ٿي ويو آهي، پيڪا قانون ذريعي آزاد صحافت جو خاتمو آندو ويو آهي. ملڪ ۾ "گرين پاڪستان انيشيئيٽو" جي نالي تي هڪ خطرناڪ راند ڪيڏيو پيو وڃي. سي سي آءِ کي مڪمل طور نظرانداز ڪيو ويو آهي، پنجاب ۾ ناجائز ڪينالون تعمير ڪيون پيون وڃن. گريٽر ٿل ڪينال، جلالپور ڪينال ۽ چولستان ڪينال ذريعي پنجاب جون لکين ايڪڙ زمينون آباد ٿينديون. جڏهن ته سنڌ جون 35 لک ايڪڙ زمينون غيرآباد ٿي وينديون. هن چيو ته اسان جي زراعت تباهه ٿي ويندي ۽ شهرن ۾ پاڻي ختم ٿي ويندو نئين ڪينالن جي تعمير ۽ درياءَ سنڌ جي خشڪ ٿيڻ سان ايڪو سسٽم تباهه ٿي ويندو زمين دوز پاڻي به ختم ٿي ويندو ۽ صرف وڏين ڪمپنين کي فائدو پهچايو ويندو هن وڌيڪ چيو ته صدر مملڪت پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ ڪينالن جو ذڪر ڪيو پر سندن بيان بلڪل ڪمزور هو جنهن جي اسان مذمت ڪريون ٿا. صدر کي گهرجي ته هو نئين ڪينالن جي تعمير جو نوٽيفڪيشن فوري طور تي واپس وٺي. عوام کي چڱي ريت خبر آهي ته 8 جولاءِ تي صدر زرداري انهن ڪينالن جي منظوري ڏني. جيڪڏهن صدر زرداري هي منصوبو رد نٿا ڪن ته پوءِ سمجهبو ته هو به ان ڏوهه ۾ برابر جا شريڪ آهن. سيد زين شاهه وڌيڪ چيو ته اسان فيڊريشن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ نه آيا هئاسين ته پاڻي لاءِ ترڙيون. اسان جي تحريڪ نئين ڪينالن جي منسوخي تائين جاري رهندي. 14 مارچ تي سنڌ ۾ ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو جنهن ۾ شاگرد، وڪيل، آبادگار، ۽ ٻين طبقن کي شرڪت جي دعوت ڏني ويندي. اسان سخت احتجاج لاءِ تيار آهيون. هن سوال ڪيو ته جيڪڏهن پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس به هي مسئلو حل نٿو ڪري ته پوءِ ڪير ڪندو؟ پيپلز پارٽي جي قيادت ڪوڙ پئي ڳالهائي. جيڪڏهن اهي آئيني فيصلن تي عمل نٿا ڪن، ته پوءِ اسان لاءِ به آئيني راهه تي هلڻ مشڪل ٿي پوندو. جيڪڏهن سنڌ جي عوام کي سندن حق نه مليو ته پوءِ نه ختم ٿيندڙ احتجاج شروع ڪيو ويندو. هاڻي سنڌ جا عوام بيدار ٿي چڪا آهن. سيد زين شاهه وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي گڏريل چونڊن ۾ پاڻي جو سودو ڪيو. ان سلسلي ۾ پير صاحب پاڳارا پڻ بيان ڏئي چڪو آهي. نئين ڪينالن خلاف سنڌ ۾ ايم آر ڊي کان به وڏي تحريڪ شروع ٿي رهي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته هي منصوبو ن ليگ جو نه پر پيپلز پارٽي جو آهي. هن سازش ۾ پهريون نمبر صدر زرداري، ٻيو وزيراعظم شهباز شريف ۽ پوءِ سندن حامين مراد علي شاهه ۽ مريم نواز آهن. هنن صدر زرداري کي ان ڏوهه جو بنيادي ذميوار قرار ڏنو. هن چيو ته قراردادون پاس ڪرڻ سان مسئلو حل نه ٿيندو. صدر زرداري کي فوري طور تي نوٽيفڪيشن جاري ڪري نئين ڪينالن کي رد ڪرڻو پوندو، چوته قراردادون ۽ سندن بيان رڳو عوام کي ڌوڪو ڏيڻ برابر آهن. ڊاڪٽر صفدر عباسي چيو ته درياءَ سنڌ بچايو تحريڪ جو بنياد تڏهن پيو جڏهن صدر زرداري درياءَ سنڌ تي ڇهه نيون ڪينالون ٺاهڻ جي منظوري ڏني. اسان سان قومپرست تنظيمن ڪانسواءِ جماعت اسلامي، تحريڪ انصاف، ۽ ٻين پارٽين به ساٿ ڏنو اسان سمجهون ٿا ته نئين ڪينالن جي تعمير سان سنڌ کي ناقابل تلافي نقصان ٿيندو. ان ڪري اسان هن خلاف ڀرپور مهم هلائي آهي. اسان هن پليٽفارم تان ريليون ڪڍيون، وڏا احتجاج ڪيا، ۽ ٽن وڏن مارچن جو اهتمام ڪيو. اسان سنڌ جي باشعور عوام، شاگردن، وڪيلن، ۽ ٻين طبقن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا، جن هن ناانصافي خلاف آواز اٿاريو. سردار عبد الرحيم چيو ته اسان سنڌ جي عوام جي حقن لاءِ ڳالهائي رهيا آهيون. اسان ڪڏهن به غلط ٻولي استعمال نه ڪئي آهي ۽ نه وري ڌمڪين جي سياست ڪئي آهي. اسان عوام جي آواز بڻجي چڪا آهيون. اسان جي ڳالهه ۾ ايترو وزن آهي جو ماڻهو هاڻ مجبور ٿي رهيا آهن. ڪراچي جي عوام کي آگاهي ڏيون ٿا ته اسان خاص طور تي پاڻي جي مسئلي تي احتجاج ڪري رهيا آهيون. حڪمرانن رڳو ڊسيلينيشن پلانٽس لڳائڻ جا بيان ڏنا، پر ڪو عملي ڪم نه ڪيو. ڪراچي ۾ پاڻي ٽينڪرن جي راڄ هيٺ آهي. سردار عبد الرحيم واعدو ڪيو ته جڏهن نئين ڪينالن جو اعلان واپس ورتو ويندو ته اسان ڪراچي ۾ ٽينڪر ۽ ڊمپر مافيا خلاف به ساڳي شدت سان آواز اٿارينداسين. پريس ڪانفرنس ۾ مسرور سيال، نصرالله چنه، ۽ خادم ٽالپور به خطاب ڪندي درياءَ سنڌ بچايو تحريڪ جي مڪمل حمايت جو اعلان ڪيو. اڳواڻن صدر زرداري جي بيان جي مذمت ڪندي چيو ته جيڪڏهن پيپلز پارٽي واقعي نئين ڪينالن جي مخالفت ڪري ٿي ته ان کي فوري طور تي وفاقي حڪومت کان الڳ ٿي وڃڻ گهرجي.

بقايا ---------- 14

قربانيون ڏئي رهيا آهن. ڪابينا اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته جيستائين مڪمل طور امن قائم نه ٿيندو تيستائين ترقي جو خواب تعمير نه ٿيندو. هن وڌيڪ چيو ته 190 ملين پائونڊز جي رقم سان اسلام آباد ۾ دانش يونيورسٽي ٺاهينداسين.

بقايا ---------- 15

سان ملهايو ويو. ان حوالي سان ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، جيڪب آباد، ميرپورخاص، ٽنڊوآدم، ٺل، بدين ۽ ٺٽي سميت ننڍن وڏن شهرن ۾ جلسه، سيمينار، مذاڪرا ۽ ميڙاڪا منعقد ڪيا ويا جن کي جماعت اسلامي جي مرڪزي، صوبائي اڳواڻ توڙي ٻرڪ عالم سڳورن، دانشورن ۽ صحافين خطاب ڪيو. مقررين جو چوڻ هو ته فاتح سنڌ محمد بن قاسم سنڌ مان ظلم ۽ جبر جي نظام جو خاتمو ڪري سنڌ کي امن توڙي عدل ۽ انصاف جو مرڪز بڻايو. محمد بن قاسم سنڌ کي اسلام جو شرف بخشيو جنهن جي روشني پوري ڏکڻ ايشيا ۾ ڦهلجي وئي، سنڌ جو عوام محمد بن قاسم جي اهڙي ڪردار کي ڪڏهن به فراموش نٿو ڪري سگهي. جماعت اسلامي جي سينئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي ايم اين اي مولانا اسدالله ڀٽو سکر ۾ يومِ باب الاسلام واري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته يومِ باب الاسلام سنڌ ۾ اسلامي حڪومت جو ڏينهن آهي. ڏکڻ ايشيا جي تاريخ ۾ 10 رمضان المبارڪ جي وڏي اهميت آهي سنڌ جا ماڻهو اسلام ۾ داخل ٿيا ۽ اسلامي معاشري طرف پيشقدمي ٿي، مسلم سپه سالار محمد بن قاسم پنهنجي مظلوم ڀيڻ جي فرياد تي سنڌ اچي نه رڳو ظالم حڪمران کان کيس آزادي ڏياري بلڪ سنڌ ۾ ظلم ۽ جبرواري حڪومت جو خاتمو ڪري اسلامي اصولن تي ٻڌل پهرين اسلامي حڪومت جو بنياد رکيو. اڄ فلسطين کان ڪشمير تائين مسلمانن جي رت سان هولي کيڏي پئي وڃي، قوم جي نياڻي ڊاڪٽر عافيه صديقي بي گناهه آمريڪي جيل ۾ قيد آهي، هر طرف سامراجي ٽولي ۽ سندس چاڙتن ظلم جي بازار گرم ڪري رکي آهي انڪري اڄ هڪ ڀيرو ٻيهر محمد بن قاسم ۽ صلاح الدين ايوبي جهڙن سپه سالارن جي ضرورت آهي جيڪي ظالم ۽ ظلم واري نظام جو خاتمو ڪري عدل ۽ انصاف وارو نظام قائم ڪن. اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته 10 رمضان المبارڪ جي ڏينهن کي سرڪاري سطح تي "يومِ باب الاسلام" طور ملهايو وڃي ته جيئن نئين نسل کي اسلامي تاريخ ۽ سنڌ جي ذريعي برصغير ۾ اسلام جي نور ڦهلجڻ توڙي غازي محمد بن قاسم جي ڪردار کان آگاهه ڪري سگهجي. جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ شڪارپور ۾ اجتماع کي خطاب ڪندي چيو ته محمد بن قاسم سنڌو ماتري ۾ راجا ڏاهر جي قيد ۾ مظلوم مسلمان عورتن ۽ ٻارڙن کي آزادي ڏياري ظلم ۽ ناانصافي خلاف بهترين مثال قائم ڪيو. محمد بن قاسم هيرو ۽ سنڌين جو محسن آهي جنهن نه رڳو ظلم ۽ جبرواري دور جو خاتمو ڪيو بلڪ سنڌ کي "باب الاسلام" جو شرف پڻ بخشيو سنڌ جا ماڻهو سندس اهڙي ڪردار کي ڪڏهن به وساري نٿا سگهن. اڄ ظلم ۽ ناانصافين جي خاتمي، امن، عدل ۽ انصاف لاءِ اسلامي دنيا کي محمد بن قاسم جهڙي صالح قيادت جي ضرورت آهي. پاڪستان ڪلمي جي بنياد تي وجود ۾ آيو ان کي حقيقي معنيٰ ۾ اسلامي ۽ فلاحي جمهوري مملڪت بڻائڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي. 10 رمضان المبارڪ جو ڏينهن اسلامي تاريخ جو اهم ڏينهن آهي ان ڏينهن تي محمد بن قاسم اسلامي جهنڊو لهرائي پوري سنڌ ۾ اسلامي مملڪت جو بنياد رکيو هو جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري محمد يوسف حيدرآباد تبليغ اسلام مرڪز ۾ رٿيل ميڙاڪي کي خطاب ڪندي چيو ته محمد بن قاسم جي مثالي حڪمراني ۽ انسان دوستي جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته جڏهن واپس وڃي رهيو هو ته هندو ڪميونٽي جي ماڻهن سندس بُت ٺاهي پوڄا ڪرڻ شروع ڪئي. اڄ راجا ڏاهر جي پيروڪارن دنيا ۾ ظلم ۽ ناانصافي جي حد ڪري ڇڏي آهي فلسطين کان ڪشمير ۽ سنڌ ۾ ڏاڍ جو راڄ تائين مظلوم ماڻهو هڪ ڀيرو ٻيهر ڪنهن محمد بن قاسم جي انتظار ۾ آهن جيڪو هڪ ڀيرو وري راجا ڏاهر جهڙي ڪردار جي حڪمرانن کي عبرت ناڪ انجام تائين پهچائي دنيا کي امن ۽ آشتي جو گهوارو بڻائي. هوڏانهن مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ممتاز حسين سهتو ميرپورخاص، صوبائي نائب امير پروفيسر نظام الدين ميمڻ ڪنڊڪوٽ، مولانا عبدالقدوس احمداڻي ٽنڊوآدم، نواب مجاهد بلوچ ڪراچي، امداد الله بجاراڻي ٺل، حاجي ديدار لاشاري، ابوبڪر سومرو جيڪب آباد، الطاف احمد ملاح ڪوٽڙي ۾ يومِ باب الاسلام جي ميڙاڪن کي خطاب ڪيو.

بقايا ---------- 16

مارشل آرٽ جي باني اشرف طائي کي 20 لک روپين جي مالي مدد ڏني آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي راندين واري صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر ۽ سيڪريٽري اسپورٽس عبدالعليم لاشاري جي هدايتن تي اسپورٽس ڊائريڪٽر اسد اسحاق جي اشرف طائي جي رهائشگاهه تي پهچي ساڻس ملاقات ڪئي ۽ سنڌ حڪومت جي راندين واري کاتي پاران 20 لک روپين جو مالي امداد جو چيڪ ڏنو اشرف طائي وڏي عرصي کان دل جي مرض ۾ مبتلا هو هن سنڌ حڪومت کان مالي مدد جي اپيل ڪئي هئي. سردار محمد بخش مهر چيو ته اشرف طائي ملڪ جو قومي هيرو آهي. سنڌ حڪومت ڪيس هر ممڪن مالي سهڪار فراهم ڪندي، اشرف طائي پاڪستان ۾ مارشل آرٽ متعارف ڪرايو ۽ هن راند کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان موقعي تي ڊائريڪٽر اسپورٽس اسد اسحاق ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ اسان سنڌ جي راندين واري وزير سردار محمد بخش مهرجي هدايت تي اشرف طائي کي مالي سهڪار فراهم ڪرڻ لاءِ آيا آهيون. پاڪستان ۾ مارشل آرٽ جي باني اشرف طائي چيو ته هو مالي مدد ڪرڻ تي سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جي راندين واري وزير جو ٿورائتو آهيان. ڪجهه عرصو اڳ مالي سهڪار جي اپيل ڪئي هئي.

بقايا ---------- 17

موجب سنڌو درياءَ تي 6 تڪراري ڪينال اڏڻ خلاف گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي پروفيسرن ڊاڪٽر محمد الياس ڀٽو، منظور ميمڻ، ميرحاجن مير، گل زمان ناريجو، اقبال ڀٽو، ظهير دائود ڀوٽو، اصغر اوٺو، ساجد ڀٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪاليج جي گيٽ آڏو ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاجي مظاهرو ڪري سنڌو تي ٺهندڙ ڪينالن خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي هنن چيو ته جيڪڏهن سنڌو درياءَ ڪينال ٺاهيا ويا ته سڄي سنڌ سڪي تباهه ۽ برباد ٿي ويندي، سنڌ ۾ پاڻيءَ جي اڳ ئي کوٽ آهي پاڻي نه هئڻ ڪري سنڌ جي ڊيلٽا تباهه لڳي پئي آهي سنڌ جي ماڻهن کي پيئڻ جو پاڻي نه ٿو ملي زرعي زمين لاءِ پاڻي نه ٿو ملي پنجاب چولستان جي ريگستان کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ کي بنجر بڻائي رهيو آهي جيڪو سنڌ جي عوام سان سراسر زيادتي ڪئي پئي وڃي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي سنڌ جو معاشي قتل عام بند ڪيو وڃي هنن مطالبو ڪيو ته چولستان ۽ ٻين ڪينالن جو ڪم بند ڪيو وڃي جيڪڏهن ڪم بند نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا ---------- 18

سنڌ محاذ جي مرڪزي وائيس چيئرمين سيد نواز شاهه پاڏائي قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ياسر جاکرو سماجي اڳواڻ شبير پٽي شاهين يوٿ ڪائونسل جي مرڪزي اڳواڻ حنيف ميمڻ نادر شاهه پاڏائي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ مختلف سياسي سماجي قومپرست پارٽين جي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سنڌو درياهه تي ڏاڙو برداشت نه ڪيو ويندو ڪئنالن خاطر ڌرتيءَ خاطر پاڻي خاطر هر موڙ تي مزاحمت ڪنداسين سنڌ سڪائڻ جي سازش کي ناڪام بڻائينداسين ڪئنال اسان سنڌين جي لاشن مٿان ٺهندا احتجاج دوران سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي

بقايا ---------- 19

جي ٻن ڌرين وچ ۾ زمين جي مالڪي جي معاملي تان جهيڙو ٿي پيو. جنهن سبب علائقو جنگ جو ميدان بڻجي ويو جهيڙي دوران ٻنهي ڌرين پاران هڪ ٻئي مٿان لٺين ۽ ، ڪهاڙين سان حملو ڪيو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ ٻن عورتن سميت 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ حاڪم واسو احسان واسو ممتاز واسو ۽ ٻيا شامل آهن علائقي واسين زخمين کي فوري طور تي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو جتي سندن علاج جاري آهي. جڏهن ته ٻنهي ڌرين ۾ ڇڪتاڻ سبب ڳوٺ ۾ خوف ۽ هراس واري صورتحال ڇانيل آهي. جڏهن ته پوليس جهيڙي تي ڪنٽرول ڪرائڻ ۾ پڻ ناڪام ٿي چڪي آهي، زخمين ڌرجي ٻنهي ڌرين جي زخمين پاران هڪ ٻئي مٿان اڳرائي جو الزام پڻ هنيو ويو. هڪ ڌرجي زخمين ڏاٿهيندي چيو ته اسحاق، پيارو، حاڪم، ۽ ٻين حملو ڪري ناحق زخمي ڪيو ٻئي ڌرجي ماڻهن جو چوڻ هو ته جمال واسو نظير واسو ۽ ٻين بنا جواز هٿياربند ماڻهون سان ڪري حملو ڪيو جنهن ۾ اسانجون عورتون ۽ ماڻهون زخمي ٿيا آهن. ٻنهي ڌرين جي ماڻهن پاران جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪري تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

بقايا ---------- 20

سينتراڳيان احتجاج ڪيو ويو احتجاجي ريلي ۾ ايس يو پي، پ پ پ شهيد ڀٽو، ايس ٽي پي، قومي عوامي تحريڪ، جسقم آريسر، سنڌ ملاح فورم، پاڪستان نوجوان تحريڪ، سميت جامشورو بار جي وڪيلن صحافين اديبن دانشورن سميت وڏي انگ ۾ سول سوسائٽي پڻ شرڪت ڪئي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پنجاب پنهنجي ريگستان کي آباد ڪرڻ لاءِ سون جهڙي ڌرتي سنڌ کي بنجر بڻائڻ جي سازش ڪري رهيو آهي ملڪ جي صدر جي حيصيت ۾ آصف زرداري هٿ سان منظوري ڏئي وري بيان ڏي ٿو ته اسين مخالفت ڪيون ٿا بجاءِ جو ڪيس بيان ڏيڻ جي ايوان صدر مان بل پاس ڪرائڻ گهرجي ته ملڪي سلامتي جي مسعلي تي ڪئنال ٺاهڻ جي اجازت نه ڏينداس هنن چيو ته جيستائين ڪينال منصوبا واپس نه ورتا ويا تيستائين سنڌ سراپا احتجاج هوندي

بقايا ---------- 21

فرڪندڙ بين الصوبائي گروهه جا 6 جوابدار گرفتار ڪري ٽنڪر ۽ ڦرڪيل تيل ۽ ڦر ۾ استعمال ٿيل ٻن ڪارن کي هٿ ڪيو ويو آهي ايس ايس پي ٻڌايو ته سکر جي رحمان پلانٽ جي علائقي مان 30 هزار ليٽر سرنهن جو تيل ڪراچي ويندڙ ٽنڪر کي ڪنديارو پرسان ڊرائيور علي حمزه آرائين ۽ محمد عرفان کي يرغمال بڻائي آئل ٽينڪر مان چار هزار ليٽر تيل ڪڍي جوابدار ديدار هنگوري هڪ منصوبو جوڙي ٻين جوابدارن سان گڏجي ٻيو تيل پڻ ڪڍي ٻين هنڌن تي وڪرو ڪيو واقعي جي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ کان پوءِ سندس سربراهي ۾ هڪ جاچ ٽيم جوڙي پنج جوابدارن نويد شاهه آصف مهر، ڪاشف مهر، باغ مهر، صدام ۽ نظير شاهه کي گرفتار ڪيو جوابدارن جي قبضي مان ڦر ڪيل ٽينڪر ۽ ڦر ۾ استعمال ٿيل ٻن ڪارن کي هٿ ڪيو آهي. ايس ايس پي ٻڌايو ته ڦريل تيل جي ماليت هڪ ڪروڙ 20 لک آهي جنهنجي وڌيڪ جاچ جاري آهي. جوابدارن جو سپاٽي عدالت مان رمانڊ وٺي وڌيڪ جاچ ڪري وڌيڪ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا ---------- 22

ڪيل وچن کي نڀائيبو.اهڙو اظهار سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل نور چاڪراڻي جوائنٽ سيڪريٽري احساس ميرل ايڊيٽر اياز لطيف داپي سنيير صحافي ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر جي اڳوڻي سيڪريٽري مجيد نواز مغل گڏيل بيان ۾ ڪيو آهي.هنن چيو ته سنڌو دريا مان ڪينال ڪڍڻ خلاف 14 مارچ جي ڏينهن دريائن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سموري سنڌ اندر اديب ليکڪ شاعر ۽ دانشور احتجاجي ريليون ڪڍي مظاهرا ڪندا.هنن وڌيڪ چيو ته سنڌو دريا تي ڌاڙا برداشت کان ٻاهر ٿي چڪا آهن.ان مان ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ ڪينال ڪڍي سنڌ کي تباهه ڪرڻ جي سازش خلاف مزاحمت جو اعلان ڪجي ٿو.14 مارچ تي سنڌي ادبي سنگت سنڌ ۽ ساڃاه وندن جو گڏيل احتجاج تاريخي ثابت ٿيندو ـ ادبي سنگت جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن انهيءَ ڏينهن پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪندي روڊن تي ايندا.هنن سنڌو دريا مان وڌيڪ ڪينال ڪڍڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيي آهي.

بقايا ---------- 23

پ پ جي غريب ورڪر عورتن پاران پ پ سکر هائوس اڳواڻ سيد زاهد شاهه بخاري جي اڳواڻي ۾ نيوليبر ڪالوني سکر ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شامل عورتن جيئي ڀٽو جيئي شهيد راڻي جيئي بلاول ڀٽو زرداري جي حق ۾ زوردار نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي پ پ سکر هائوس اڳواڻ سيد زاهد شاهه بخاري چيو ته صدر پاڪستان آصف علي زرداري سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ واري منصوبي کي تنقيد ڪندي چيو ته هي منصوبو وفاقي حڪومت جو آهي صوبن جي رضامندي کانسواءِ شروع ڪيو آهي جنهن کي صدر پاڪستان جي حيثيت سان رد ڪيان ٿو صدر جي واضح اعلان ۽ پ پ چيئرمين پاران ڪئنال منصوبن جي خدشن بابت وزيراعظم پاڪستان سان ملاقات ڪري سنڌ ۽ پ پ جي موقف کي واضح ڪندي وزيراعظم آڏو خدشن جو اظهار ڪري ثابت ڪيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ ۽ سنڌ جي عوام جي مفادن سان گڏ بيٺل آهي

بقايا ---------- 24

سول ڪورٽ ۾ ڪم ڇڏ هڙتال ڪري ريلي ڪڍي سول ڪورٽ جي مک گيٽ تي ڌرڻو هڻي سنڌ تي ڌاڙو نامنظور ۽ ڪئنال سمورا نامنظور جا زوردار نعرا هڻي احتجاج ڪيو، وڪيل اڳواڻن ايڊوڪيٽ زاهد حسين چڍڙ، فياض آرائين، مير خادم ٽالپر، عبدالحق لغاري ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وفاق سنڌو مان زبردستي ڪئنال ڪڍي سنڌ کي سڪائڻ ۽ برباد ڪرڻ چاهي ٿو اهڙي عمل سان سنڌ بنجر بڻجي ويندي جيڪو فيصلو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي، هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ اڳ ۾ ئي پاڻي جي شديد کوٽ آهي، ٺٽو، سجاول ۽ بدين جي لکين ايڪڙ زمين سمنڊ ڳڙڪائي ويو آهي مٿان وري وفاق سنڌو مان زبردستي ڪئنال ڪڍي رهيو آهي اهڙي فيصلي خلاف وڪيل سراپا احتجاج آهن جيڪڏهن وڪيلن کي پنهنجي جان به ڏيڻي پئي ته ڏيندا پر ڪئنال اڏڻ هرگز نه ڏيندا

بقايا ---------- 25

محلا ۾ شرمناڪ واقعو پيش آيو. جتي اقرار جتوئي نالي جوابدار 7_8 سالن جي معصوم ٻارڙي سان زيادتي جي ڪوشش ڪئي. معصوم ٻارڙي جي رڙين تي ٻارڙي وارن پهچي جوابدار کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو ڀڄي ويو واقعي جي اطلاع ملڻ شرط سانگي پوليس فوري ڪارروائي ڪندي جوابدار کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪري ڇڏيو. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ته جيئن اهڙن ڏوهن جو سدباب ٿي سگهي. شهرين مطالبو ڪيو آهي ته معصوم ٻارڙن سان زيادتي جي ڪوشش ڪندڙ جوابدارن کي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي، ته جيئن اهڙا گهناؤنا ڏوهه روڪي سگهن.

بقايا ---------- 26

ڪئنال ڪڍڻ خلاف هٿ بلند ڪري نعريبازي ڪئي.ان موقعي تي اسڪول جي استادن ۽ شاگردن پاران سنڌو تي ڌاڙو نامنظور پاڻي تي ڌاڙو نامنظور جا نعرا پڻ لڳايا ويا ـ جڏهن ته استادن عاقب علي چانديو ـ الطاف حسين چانديو ۽ سيد علي نقي شاهه جو چوڻ هو ته وفاق سنڌو مان غير قانوني 6 ڪئنال ٺاهي هڪ طرفو فيصلو ڪري سنڌ سان بيواجبي ڪري رهيو آهي جنهن جي ڪنهن به صورت ۾ سنڌي عوام اجازت نٿو ڏئي سگهي ـ سندن چوڻ هو ته سنڌ ۾ اڳ ئي پاڻي جي صورتحال ڏاڪار واري آهي مٿان وري ڪئنال ٺاهي سنڌ کي وفاق تباهه ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي ـ

بقايا ---------- 27

جي پٽ جعفر علي روزو رکيو. نينگر جعفر روزو رکڻ بعد ڪپڙو پسائي پنهنجي مٿان رکي پکو هلائي ستو ته سندس طبيعت وڌيڪ خراب ٿي وئي. نينگر کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال حيدرآباد ۽ بعد ۾ ٽراما سينٽر ڪراچي منتقل ڪيو ويو جتي ست ڏينهن مسلسل بيهوش رهڻ بعد نينگر دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو. جنهن کان پوءِ نينگر جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ماءُ پيءُ کي بيهوشي جا دورا پوڻ شروع ٿي ويا آهن.

بقايا ---------- 28

تي سرڪاري ملازمن ۽ پينشنرز کي وڏي خوشخبري ڏئي ڇڏي. سنڌ جي ناڻي کاتي پاران جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب، صوبائي حڪومت جي سڀني ملازمن ۽ پينشنرز کي مارچ 2025 جي مڪمل پگهار ۽ پينشن اڳواٽ ادا ڪئي ويندي. هي فيصلو عيد الفطر جي 31 مارچ يا 1 اپريل 2025 تي ٿيڻ جي امڪان کي نظر ۾ رکندي ڪيو ويو آهي. عام طور تي، اهي ادائيگيون 1 اپريل تي ڪيون وينديون هيون، جڏهن ته سنڌ حڪومت انهن کي 21 مارچ 2025 تي ادا ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي ته جيئن ملازمن ۽ پينشنرز کي عيد جي تياري ۾ سهولت ملي سگهي. هي سهولت سڀني سرڪاري ملازمن لاءِ هوندي جن ۾ مستقل، ڪانٽريڪٽ، ورڪ چارجڊ ۽ ڪنٽيجنٽ پيڊ ملازم شامل آهن. ان حوالي سان لاڳاپيل ادارن کي حڪم جاري ڪيا ويا آهن ته جيئن وقت تي ادائيگي کي يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا ---------- 29

داخل ٿيڻ کان روڪڻ تي پرڏيهي وزارت جو رد عمل سامهون اچي ويو آهي. پرڏيهي وزارت جي ترجمان موجب پاڪستاني سفير نجي دوري تي سفر ڪري رهيو هو اهو معاملو پرڏيهي وزارت جي طرفان جاچ جي مرحلي ۾ آهي. گذريل ڏينهن ترڪمانستان ۾ مقرر پاڪستاني سفير کي آمريڪا ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيو ويو هو. انهي حوالي سان سفارتي ذريعن جو چوڻ آهي ته پاڪستاني سفير ڪي ڪي احسن وگن نجي دوري تي آمريڪا جي لاس اينجلس ايئرپورٽ پهتو هو. پاڪستاني سفير وٽ آمريڪي ويزا ۽ قانوني دستاويزات موجود هئا پر آمريڪ

بقايا ---------- 30

شين جي اگهن ۾ وڏي گهٽتائي کانپوءِ پاڪستان ۾ به ايندڙ هفتي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ وڏي گهٽتائي جو امڪان آهي، پيٽرول 13 کان 15 رپيا، ڊيزل 11 رپيا في ليٽر سستو ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي، ذريعن موجب اوگرا قيمتن تي نظرثاني بابت پنهنجون سفارشون تيار ڪندي ۽ ناڻي واري وزارت قيمتن تي نظرثاني کانپوءِ نوٽيفڪيشن جاري ڪندي.

بقايا ---------- 31

آيا آهيو؟ جنهن تي عدالت جي حڪم تي جوابدار کي پيش ڪيو ويو. جاچ آفيسر عدالت کي استدعا ڪئي ته اسان کي 17 مارچ تائين جسماني رمانڊ ڏنو وڃي. عدالت جاچ آفيسر کان پڇائو ڪيو ته توهان ڪيس ۾ ڪهڙي اڳڀرائي ڪئي آهي. جاچ آفيسر جواب ڏنو ته جنهن هٿيار، اسٽڪ سان مصطفي عامر کي قتل ڪيو ويو هو اسان اهو هٿيار هٿ ڪري ورتو آهي. ڪجهه ليپ ٽاپ واڪي ٽاڪي موبائيل فون به هٿ ڪيا آهن. عدالت جوابدار جي جسماني رمانڊ ۾ 7 ڏينهن جي واڌ ڪندي جاچ آفيسر کي ايندڙ ٻڌڻي تي ڪيس بابت اڳڀرائي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو. جوابدار جي وڪيل چيو ته 20 ڏينهن گذري ويا آهن، جوابدار جو وڌيڪ جسماني رمانڊ نه ڏنو وڃي. جوابدار ارمغان جي وڪيل عابد زمان ۽ سارا عاصم خان چالان پيش ڪرڻ جي درخواست داخل ڪرائي ڇڏي. عدالت جوابدار جي وڪيل عابد زمان ۽ ساره عاصم کي ڪيس جو عبوري چالان پيش ڪرڻ جي درخواست تي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. عدالت جوابدار ارمغان جي والدين کي 5 منٽن تائين ملاقات جي اجازت پڻ ڏني. جوابدار جي وڪيل بئريسٽر ساره عاصم چيو ته جوابدار 15 ڏينهن کان وڌيڪ پوليس جي رمانڊ تي آهي، پوليس جاچ مڪمل ڪري ۽ جوابدار کي جوڊيشل رمانڊ تي جيل موڪليو وڃي. عدالت چيو ته جوابدار کان هٿ ٿيل شيون ڪٿي آهن، اڃا رهيل آهي جيڪو جوابدار کان وڌيڪ سامان هٿ ڪيو ويندو. سرڪاري وڪيل چيو ته برآمد ٿيل شيون سيل ٿيل آهن اڃا وڌيڪ اسان کي ليپ ٽاپ ۽ موبائيل ڊيٽا رڪور ڪرڻي آهي جنهن لاءِ وڌيڪ جسماني رمانڊ جي ضرورت آهي.

بقايا ---------- 32

تي فائرنگ جو واقعو بلوچستان جي ضلعي ڪڇي (بولان) جي علائقي پيرو ڪنري ۾ پيش آيو، جنهن جي نتيجي ۾ ريل جو ڊرائيور زخمي ٿي پيو، جڏهن ته ٽرين هن وقت سرنگهه ۾ بيٺل آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته مسافر ٽرين ڪوئيٽا کان پشاور وڃي رهي هئي، ان دوران پهريان ٽريڪ تي ڌماڪو ڪيو ويو ۽ پوءِ فائرنگ ڪئي وئي، جنهن کانپوءِ ٽرين ۾ موجود سيڪيورٽي اهلڪارن ۽ حملو ڪندڙن ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ به ٿي. ريلوي اختيارين موجب، جعفر ايڪسپريس 9 بوگين تي ٻڌل آهي ۽ ٽرين ۾ 400 کان وڌيڪ مسافر سوار آهن، جيڪا اڄ صبح 9 وڳي ڪوئيٽا مان رواني ٿي هئي. بلوچستان حڪومت جي ترجمان شاهد رند جو چوڻ آهي ته جعفر ايڪسپريس تي شديد فائرنگ جا اطلاع مليا آهن، دهشتگردن ٽرين تي حملو ڪيو ايمبولينسون واقعي واري هنڌ روانو ڪيون ويون آهن، جڏهن ته سبي اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي آهي. سيڪيورٽي ذريعن موجب، دهشتگردن جعفر ايڪسپريس کي سرنگهه ۾ روڪي مسافرن کي يرغمال بڻائي ڇڏيو يرغمالين ۾ اڪثريت عورتن ۽ ٻارن جي آهي، جڏهن ته حملو ڪندڙن پرڏيهه ۾ پنهنجي سهولتڪارن سان به رابطي ۾ آهن. سيڪيورٽي فورسز واقعي واري هنڌ پهچي علائقي کي ڪڙو چاڙهي آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي ۽ دهشتگردن جي خاتمي تائين ڪليئرنس آپريشن جاري رهندو.

بقايا ---------- 33

روانو ٿيندو ۽ عمري جي ادائيگي لاءِ 23 مارچ 2025 تائين سعودي عرب ۾ رهندو. ان حوالي سان سنڌ اسيمبلي سيڪريٽريٽ پاران سرڪاري نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب سيد اويس قادر شاهه کي مقدس فرض ادا ڪرڻ لاءِ ايڪس پاڪستان ليو جاري ڪئي وئي آهي.

بقايا ---------- 34

نه ٿي رهي آهي پر برآمد ٿي رهي آهي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي وفاقي ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب چيو ته شوگر جي مانيٽرنگ جي لاءِ ايف بي آر مڪينزم تيار ڪيو آهي. جڏهن کان مانيٽرنگ سسٽم آيو آهي 6 شوگرملن کي سيل ڪيو ويو آهي، مانيٽرنگ سسٽم اچڻ کان پوءِ شوگرملن تي ڏنڊ لڳايا ويا، هن سال 25 بلين سيلز ٽيڪس شوگرملن مان گڏ ٿيو آهي. هن چيو ته هينئر تائين 6 شوگرملز سيل ۽ ساڍي 12 ڪروڙ روپين جا ڏنڊ لڳايا ويا، ڪنڊ جي هن سال 5.7 ملين ٽن پيداوار ٿي آهي. محمد اورنگزيب چيو ته فيبروري ۾ 3 ارب 10 ڪروڙ ڊالرز جي ترسيلات پاڪستانين اماڻي، گذريل سال اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ 7 آءِ پي اوز ٿيون آهن. هن چيو ته اسٽاڪ ايڪسچينج جي هيٺ مٿانهين پنهنجي جڳهه پر ڪجهه شيون اسٽرڪچرل هونديون آهن. 2025 ۾ وڌيڪ بهتري ايندي، پائيدار ترقي جا حدف حاصل ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهيون، واپاري خساري ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي.

بقايا ---------- 35

هدايت ڪئي ته پولٽري، ماهيگيري ۽ لائيو اسٽاڪ صنعتن کي مضبوط ڪرڻ، معاشي استحڪام ۽ لاڳاپيل شعبن ۾ بهتري لاءِ قدمن تي عملدرآمد جي ضرورت تي زور ڏنو وڃي. وڏي وزير، وزيراعلي' هائوس ۾ ماهيگيري ۽ لائيو اسٽاڪ جي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي سان ملاقات دوران جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ماهيگيري ۽ لائيو اسٽاڪ جي شعبن ۾ جدت ۽ بهتري لاءِ حڪمت عملين تي بحث ڪيو. ملاقات دوران صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ته انهن شعبن کي وڌيڪ وڌائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. وڏي وزير صوبائي وزير کي هدايت ڪئي ته مڇي مارڻ ۽ چوپائي مال سان لاڳاپيل ماڻهن کي مناسب هدايت فراهم ڪئي وڃي. مراد علي شاهه ماهيگيري ۽ لائيو اسٽاڪ کاتي تي زور ڏنو ته هو پولٽري، مڇي مارڻ ۽ لائيو اسٽاڪ صنعتن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ قدم کڻي. هن چيو ته لائيو اسٽاڪ شعبي کي مضبوط ڪرڻ سان نه رڳو معيشت مستحڪم ٿيندي پر لاڳاپيل شعبن ۾ خوشحالي به ايندي. مراد علي شاهه اختيارين کي هدايت ڪئي ته صوبي ۾ مڇي فارمنگ جا جديد طريقا لاڳو ڪيا وڃن ۽ يقيني بڻايو وڃي ته مڇي مارن کي ضروري سهولتون ملن. هن ساحلي علائقن ۾ مڇي جي فارمنگ کي هٿي وٺرائڻ جي اهميت تي زور ڏنو ۽ مڇي جي برآمدات وڌائڻ لاءِ جديد طريقن کي اپنائڻ تي زور ڏنو. وڏي وزير برآمدات وڌائڻ لاءِ مڇي مارڻ جي بندرگاهن کي جديد سهولتن سان اپ گريڊ ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ۽ ساموندي ماحولياتي نظام جي حفاظت لاءِ پائيدار مڇي مارڻ جي طريقن تي زور ڏنو. مراد علي شاهه هدايت ڪئي ته جانورن جي اسپتالن کي بهتر بڻايو وڃي ته جيئن جانورن لاءِ معياري صحت جون سهولتون يقيني بڻائي سگهجن. هن سڄي صوبي ۾ جانورن جي نسل ۽ ويڪسينيشن سسٽم کي وڌائڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو هن جانورن جي بيمارين کي روڪڻ لاءِ فوري طور تي قدم کڻڻ جو حڪم ڏنو. گڏوگڏ لائيو اسٽاڪ فارمن جي اثرائتي نگراني ۽ جانورن لاءِ غير معياري کاڌ خوراڪ جي وڪري خلاف سخت ڪارروائي جو به حڪم ڏنو. وڏي وزير، خوراڪ جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۾ لائيو اسٽاڪ کاتي جي اهم ڪردار جو اعتراف ڪندي، کير، آنا ۽ گوشت جي پيداوار وڌائڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي کي اپنائڻ تي زور ڏنو. آخر ۾ هن کاتي جي مجموعي ڪارڪردگي کي وڌائڻ لاءِ عملي قدمن جي ضرورت تي زور ڏنو.

بقايا ---------- 36

ڪاميابي ناهي، احتجاج تيسين جاري رکبو جيسين صدر ۽ وزيراعظم گڏجي ڪينالز منصوبي جي خاتمي جو اعلان نٿا ڪن. سنڌ جي گهٽي گهٽي ۽ ڳوٺ ڳوٺ کي اوهان جي جبر جي خلاف اٿين اٿاري بيهارينداسين. جو اوهان ته ڇا اوهان جا ايندڙ نسل به ياد رکندا. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌو درياهه سنڌ جو ساهه آهي. سنڌو درياهه هزارين سالن جي تهذيب جو اهڃاڻ آهي. سنڌو درياهه سنڌ جي زندگي آهي. حڪمرانن کي سمجهڻ گهرجي ته انڊس رور سسٽم ۾ ملڪ جي ضرورت جيترو پاڻي ناهي، جنهنڪري ڪو به ڪئنال ۽ ڊيم ملڪ ۽ سنڌ جي مفاد ۾ ناهي. سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي نٿو ڏنو وڃي، جيڪڏهن ڊيم ٺهي ويا ته سنڌ تباهه ٿي ويندي. سنڌ جي زرعي معيشت تباهه ٿي ويندي. سنڌ جي ماڻهن کي غسل ڏيڻ جيترو به پاڻي نه ملندو. اياز لطيف پليجي چيو ته نوان ڪئنال ٺهڻ سان سنڌ مڪمل سوڪهڙي جو شڪار ٿي ويندي. ڪوٽڙي بئراج جو وجود نه رهندو. ٺٽو، سجاول، بدين، ٽنڊو محمد خان ضلعا سمنڊ ڳڙڪائي ويندو سموري سنڌ جو حشر ڪارو ٿي ويندو سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون گرين پاڪستان جي نالي ۾ مختلف ڪمپنين کي ڏني ڌرتي ڌڻين کي پنهنجي ڌرتي تان بي دخل ڪري حق حڪمراني کان پري رکي انهن کي ديوار سان لڳايو پيو وڃي.اياز لطيف پليجي چيو ته گرين پاڪستان ۽ زرعي انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جي هزارين ايڪڙ زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن. گرين پاڪستان سنڌ جي زمينن جي نيلامي جو پروانو آهي. ملڪ جي ترقي جي نالي ۾ سنڌ کي بنجر بڻائڻ جو منصوبو جوڙيو پيو وڃي اسان کي اهڙي ترقي نٿي گهرجي جنهن سان سنڌي ماڻهن کي پنهنجي حق حڪمراني کان پري رکي انهن کي ديوار سان لڳايو وڃي سنڌ جي درياهه زمينن ۽ وسيلن تي قبضا برداشت نه ڪنداسين. اياز لطيف پليجي چيو ته وفاقي حڪومت هوش کان ڪم وٺي. سنڌي ماڻهن کي ديوار سان نه لڳايو وڃي، حڪومت جيڪڏهن سمجهي ٿي ته پيپلز پارٽي کي ڪريشن جي اجازت ڏئي اهي سنڌو درياهه سنڌ جو پاڻي، وسيلا کٽي ويندا. حڪمران سمجهن ٿا ته سنڌي ماڻهو خاموش رهندا ته اها انهن جي ڀل آهي. سنڌي ماڻهو خاموش تماشائي نه رهندا. سنڌي ماڻهو پنهنجي حقن ۽ وسيلن لاءِ اٿندا ته حڪمرانن جا رستا بند ٿي ويندا.

بقايا ---------- 37

ڪان گهٽي ۾ راند ڪيڏي رهئي هئي ته وحشي جوابدار گهٽي ۾ ڪيڏندڙ ٻارڙي کي شي وٺي ڏيڻ بهاني سان وٺي ويو جتي هن ٻارڙي سان زيادتي جي ڪوشش ڪئي ٻارڙي جي انڪار ڏانهن تي وحشي جوابدار ٻارڙي تي لوهي شيخن سان تشدد ڪري اکيون ضايع ڪري بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو جنهن کي حاجن شاهه قبرستان ۾ دفن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي مقتول نينگرر جي پيءُ ۽ علائقي واسين ڏسي ورتو جوبدار لاش کي اتي ئي ڇڏي فرار ٿي ويو ٻارڙي جو لاش گهر پهچڻ تي قهرام جا منظر امڙ کي بيهوشي جا دورا آيا سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي پوسٽ ماسٽم لاءِ تعلقه اسپتال آندو ويو جڏهن ته پوليس ڪارروائي ڪندي حاجن شاهه جي گادي نشين نيڪ محمد پنهور کي حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته جوابدار فرار ٿي ويو آهي.

بقايا ---------- 38

غيرآييني، غير شرعي 6هه ڪينال ڪڍڻ واري سنڌ دشمن، فطرت دشمن، انسان دشمن منصوبي خلاف مختلف سياسي، مذهبي قوم پرست جماعتن جي اڳواڻن پاران استاد غلام اڪبر خواجا، مولانا حيدر عامر، عابد حسين سمون، ڪامريڊ ولايت حسين نوناري ۽ نديم احمد غوري جي اڳوائي ۾ حسيني مسجد کان لودهي چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، سنڌو درياهه مان غيرقانوني ڪينال ڪڍڻ واري منصوبي خلاف نڪتل ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن جو چوڻ هيو ته هڪ صوبي جي ريگستان کي آباد ڪرڻ خاطر سنڌ جو وجود خطري ۾ وڌو پيو وڃي، غيرقانوني ڪينال ڪڍڻ سان سنڌ صوبو هڪ ريگستان ۾ بدلجي ويندو، سنڌ جو عوام غيرقانوني ڪينالن خلاف ڀرپور مزاحمت ڪندو، دنيا جو قانون ان قسم جي اجازت نٿو ڏيي ته ڪنهن به سرسبز علائقي جو پاڻي بند ڪري ان کي غيرآباد ڪيو وڃي.

بقايا ---------- 39

جي مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو ان سان گڏوگڏ ڪيس ڊائريڪٽر پرنٽنگ پريس کي ايم سي جي اضافي ذميواري پڻ سونپي وئي آهي واضح رهي ته هن کان اڳ دانيال علي سيال ميئر سيڪريٽريٽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ پبلڪ ريليشنز آفيسر طور مقرر هو.

بقايا ---------- 40

ڏيندي پيپلزپارٽي جو واضح موقف آهي ته ڪئنال ٺهڻ نه ڏينداسين. سنڌ حڪومت جو ترجمان مخدوم فخرالزمان خبر موجب. سنڌ حڪومت جي ترجمان ايم پي اي متياري مخدوم فخرالزمان جو چوڻ آهي ته سنڌ ۾ اڳي ئي پاڻي جي کوٽ آهي کوٽڙي کان هيٺ پاڻي ڇڏي نٿا سگهون اهڙي صورتحال ۾ نوان ڪئنال ٺهيا ته سنڌ بنجر ته بڻبي پر ٺٽو. بدين توڙي ڪراچي واسي پاڻي ڦڙي لاءِ به سڪندا پيپلزپارٽي ڪنهن به صورت ۾ ڪئنال ٺهڻ نه ڏيندي اهڙن خيالن جو اظهار هن متياري ۾ پي پي ضلع متياري جي صدر پير امير علي شاهه هاشمي جي افطار پارٽي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو مخدوم فخرالزمان جو چوڻ هو ته صدر آصف علي زرداري واضح طور ڪئنالن جي مخالفت ڪئي آهي ان کان اڳ چيئرمين پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري به ڪئنالن کي رد ڪري چڪو آهي هن چيو پيپلزپارٽي هميشه سنڌ جي حقن خاطر سنڌي عوام سان گڏ بيٺل رهي آهي پر ٻين پارٽين ڇا ڪيو آهي سدائين ڊڪٽيٽرن جي هنج ۾ ويهي سنڌين جي ڪک ۾ چرو هنيو آهي هن چيو ته سنڌ اسيمبلي جي ايندڙ اجلاس ۾ ڪئنالن خلاف قرارداد پيش ڪنداسين پوءِ ڏسون کهڙين پارٽين وارا حمايت ٿا ڪن مخدوم فخرالزمان جو چوڻ هو ته 4 اپريل تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي جي موقعي تي ڳڙهي خدابخش ۾ حاضري ڏينداسين، ان موقعي تي پيپلزپارٽي ضلع متياري جي صدر پير امير علي شاهه هاشمي جو چوڻ هو ته پيپلزپارٽي سنڌ جي پاڻي لاءِ هميشه پنهنجو چٽو موقف رکيو آهي ڪالاباغ ڊيم هجي يا ٿل ڪئنال هجي پيپلزپارٽي روڊن تي احتجاج ڪيو آهي هاڻي به ڪئنالن خلاف پيپلزپارٽي واضح موقف رکيو آهي ته سنڌ جي پاڻي تي ڪو به ڪئنال قبول ناهي ان موقعي تي فضيل حبيب شاهه نثار ڪٽياڻ. شازيه عطا چانگ . رئيس غني ميمڻ . مسرت جعفري . نواب مدثر ٽالپر . پير ارتضا شاهه هاشمي . اسد ميمڻ . امجد ميمڻ . لائق قاضي . نانا نويد سمون . اڪبر ڀٽو ۽ ٻيا ڪارڪن وڏي انگ ۾ موجود هئا.

بقايا ---------- 41

اعجاز احمد قريشي چيو آهي ته سندس آفيس وفاقي حڪومت جي ادارن ۾ بدانتظامي بابت عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ پرعزم آهي ۽ اداري جي ڪردار ۽ ڪم جي دائري بابت وڌيڪ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري رکندو. اهڙن خيالن جو اظهار وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ ۾ سرڪاري واٽس اپ چينل جو افتتاح ڪندي ڪيو. هن چيو ته جيڪو به شخص سرڪاري ادارن جي انتظامي زيادتين سان واسطو رکي ٿو پنهنجي شڪايت جي فوري ۽ مفت ازالي لاءِ هن آفيس سان رابطو ڪري سگهي ٿو. هن چيو ته 2024 ع دوران 226372 شڪايتون مليون، جن مان 223198 شڪايتون 60 ڏينهن جي قانوني مدي ۾ حل ڪيون ويون ۽ 93.21 سيڪڙو فيصلن تي عمل ڪيو ويو، جڏهن ته 2023 ع ۾ اها شرح 85.7 سيڪڙو هئي. هن چيو ته پهچ ۽ رسائي کي وڌائڻ هن آفيس جي هميشه ترجيح رهي آهي. هن چيو ته تنظيم 1983 ع کان پوءِ تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي، جڏهن ان جي شروعات صوبائي راڄڌانين ۾ صرف 4 علائقائي آفيسن سان ٿي هئي، جيڪا هاڻي آزاد جمون ۽ ڪشمير ۽ گلگت بلتستان سميت 24 وڏن شهرن ۾ موجود آهي، هن چيو ته نيون علائقائي آفيسن جي قيام ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي استعمال سان شڪايتن کي منهن ڏيڻ ۾ وڌيڪ بهتري آئي آهي. هاڻي عام ماڻهن لاءِ شڪايتون داخل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي چينل موجود آهن جن ۾ ويب سائيٽ، موبائيل فون، اي ميل، زوم لنڪ ذريعي ٻڌڻ وغيره شامل آهن جيڪي شڪايت ڪندڙن کي هن آفيس پاران فراهم ڪيل خدمتون حاصل ڪرڻ لاءِ آسان رسائي فراهم ڪن ٿا.

بقايا ---------- 42

خبر موجب دڙو ۾ سماجي تنظيم نيو ويزن فورم پاران سنڌو درياءَ مان 6 ڪينال ڪڍڻ خلاف آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، اي پي سي ۾ قومي عوامي تحريڪ، سنڌ ترقي پسند پارٽي، جسقم ،عوامي تحريڪ، پ پ شهيد ڀٽو،سنڌي ادبي سنگت، نوازليگ، گسٽا، آپڪا، ٽي ايل پي ،ايم ڊبليو ايم ۽ ٻين تنظيمن جا اڳواڻ شريڪ ٿيا، ۽ گڏيل طور تي سنڌو درياءَ مان غير قانوني طور 6 ڪينال ڪڍڻ خلاف 6 اپريل تي دڙي کان بلوري تائين شارٽ مارچ جو اعلان ڪيو ويو ان سلسلي ۾ مختلف اڳواڻن اشرف پليجو، رشيد آزاد، عبدالڪريم پليجو، ڪامريڊ عزيز سومرو، شاهد شاهه، راحيل سومرو، نظام ميمڻ، لطيف شورو، ڪامريڊ شوڪت سومرو، اصغر سومرو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياءَ اسان جي زندگيءَ ۽ موت جو مسئلو آهي ڪنهن کي به درياءَ مان ڪئنال ڪڍڻ جي اجازت نه ڏينداسين، هنن چيو ته سنڌو درياءَ آهي ته اسان به آهيون ۽ سنڌ به آهي، جيڪڏهن درياءَ سڪي ويو ته سرسبز سنڌ ڀڙڀانگ ٿي ويندي، ڪئنالن وارو فيصلو واپس ورتو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا ---------- 43

عبدالعزيز ڪپري ۽ سول سوسائٽي ۽شهرين طرفان شٽربند هڙتال ڪئي ۽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جڏهن ته شهيد بلو پنهور چوڪ کان پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم تائين ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي اڳواڻن جو چوڻ هو ته محمد عرس ڪيهر هڪ پرامن ڪارڪن آهي هن جو ڏوهه فقط اهو آهي ته هن ڇهن ڪئنالن خلاف سکر کان ڪراچي مارچ ۾ شرڪت ڪندڙ قافلي ۾ ڪارڪنن کي اجرڪون پارايون جنهن جي سزا ڏني پئي وڃي محمد عرس ٻارنهن ڪلاس جو شاگرد آهي ۽ پرامن ڪارڪن آهي

بقايا ---------- 44

هدايت ڪئي ته پولٽري، ماهيگيري ۽ لائيو اسٽاڪ صنعتن کي مضبوط ڪرڻ، معاشي استحڪام ۽ لاڳاپيل شعبن ۾ بهتري لاءِ قدمن تي عملدرآمد جي ضرورت تي زور ڏنو وڃي. وڏي وزير، وزيراعلي' هائوس ۾ ماهيگيري ۽ لائيو اسٽاڪ جي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي سان ملاقات دوران جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان ماهيگيري ۽ لائيو اسٽاڪ جي شعبن ۾ جدت ۽ بهتري لاءِ حڪمت عملين تي بحث ڪيو. ملاقات دوران صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ته انهن شعبن کي وڌيڪ وڌائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. وڏي وزير صوبائي وزير کي هدايت ڪئي ته مڇي مارڻ ۽ چوپائي مال سان لاڳاپيل ماڻهن کي مناسب هدايت فراهم ڪئي وڃي. مراد علي شاهه ماهيگيري ۽ لائيو اسٽاڪ کاتي تي زور ڏنو ته هو پولٽري، مڇي مارڻ ۽ لائيو اسٽاڪ صنعتن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ قدم کڻي. هن چيو ته لائيو اسٽاڪ شعبي کي مضبوط ڪرڻ سان نه رڳو معيشت مستحڪم ٿيندي پر لاڳاپيل شعبن ۾ خوشحالي به ايندي. مراد علي شاهه اختيارين کي هدايت ڪئي ته صوبي ۾ مڇي فارمنگ جا جديد طريقا لاڳو ڪيا وڃن ۽ يقيني بڻايو وڃي ته مڇي مارن کي ضروري سهولتون ملن. هن ساحلي علائقن ۾ مڇي جي فارمنگ کي هٿي وٺرائڻ جي اهميت تي زور ڏنو ۽ مڇي جي برآمدات وڌائڻ لاءِ جديد طريقن کي اپنائڻ تي زور ڏنو. وڏي وزير برآمدات وڌائڻ لاءِ مڇي مارڻ جي بندرگاهن کي جديد سهولتن سان اپ گريڊ ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ۽ ساموندي ماحولياتي نظام جي حفاظت لاءِ پائيدار مڇي مارڻ جي طريقن تي زور ڏنو. مراد علي شاهه هدايت ڪئي ته جانورن جي اسپتالن کي بهتر بڻايو وڃي ته جيئن جانورن لاءِ معياري صحت جون سهولتون يقيني بڻائي سگهجن. هن سڄي صوبي ۾ جانورن جي نسل ۽ ويڪسينيشن سسٽم کي وڌائڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو هن جانورن جي بيمارين کي روڪڻ لاءِ فوري طور تي قدم کڻڻ جو حڪم ڏنو. گڏوگڏ لائيو اسٽاڪ فارمن جي اثرائتي نگراني ۽ جانورن لاءِ غير معياري کاڌ خوراڪ جي وڪري خلاف سخت ڪارروائي جو به حڪم ڏنو. وڏي وزير، خوراڪ جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۾ لائيو اسٽاڪ کاتي جي اهم ڪردار جو اعتراف ڪندي، کير، آنا ۽ گوشت جي پيداوار وڌائڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي کي اپنائڻ تي زور ڏنو. آخر ۾ هن کاتي جي مجموعي ڪارڪردگي کي وڌائڻ لاءِ عملي قدمن جي ضرورت تي زور ڏنو.

بقايا ---------- 45

موجب سنڌو درياءَ تي 6 تڪراري ڪينال اڏڻ خلاف گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي پروفيسرن ڊاڪٽر محمد الياس ڀٽو، منظور ميمڻ، ميرحاجن مير، گل زمان ناريجو، اقبال ڀٽو، ظهير دائود ڀوٽو، اصغر اوٺو، ساجد ڀٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪاليج جي گيٽ آڏو ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي احتجاجي مظاهرو ڪري سنڌو تي ٺهندڙ ڪينالن خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي هنن چيو ته جيڪڏهن سنڌو درياءَ ڪينال ٺاهيا ويا ته سڄي سنڌ سڪي تباهه ۽ برباد ٿي ويندي، سنڌ ۾ پاڻيءَ جي اڳ ئي کوٽ آهي پاڻي نه هئڻ ڪري سنڌ جي ڊيلٽا تباهه لڳي پئي آهي سنڌ جي ماڻهن کي پيئڻ جو پاڻي نه ٿو ملي زرعي زمين لاءِ پاڻي نه ٿو ملي پنجاب چولستان جي ريگستان کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ کي بنجر بڻائي رهيو آهي جيڪو سنڌ جي عوام سان سراسر زيادتي ڪئي پئي وڃي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي سنڌ جو معاشي قتل عام بند ڪيو وڃي هنن مطالبو ڪيو ته چولستان ۽ ٻين ڪينالن جو ڪم بند ڪيو وڃي جيڪڏهن ڪم بند نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا ---------- 46

جي پٽ جعفر علي روزو رکيو. نينگر جعفر روزو رکڻ بعد ڪپڙو پسائي پنهنجي مٿان رکي پکو هلائي ستو ته سندس طبيعت وڌيڪ خراب ٿي وئي. نينگر کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال حيدرآباد ۽ بعد ۾ ٽراما سينٽر ڪراچي منتقل ڪيو ويو جتي ست ڏينهن مسلسل بيهوش رهڻ بعد نينگر دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيو. جنهن کان پوءِ نينگر جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو نينگر جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ماءُ پيءُ کي بيهوشي جا دورا پوڻ شروع ٿي ويا آهن.

بقايا ---------- 47

الزام پڻ هنيو ويو، هڪ ڌر جي زخمين ڏاٿهيندي چيو ته اسحاق، پيارو، حاڪم، ۽ ٻين حملو ڪري ناحق زخمي ڪيو ٻئي ڌر جي ماڻهن جو چوڻ هو ته جمال واسو نظير واسو ۽ ٻين بنا جواز هٿياربند ماڻهون سان ڪري حملو ڪيو جنهن ۾ اسانجون عورتون ۽ ماڻهون زخمي ٿيا آهن، ٻنهي ڌرين جي ماڻهن پاران جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪري تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

لاڙڪاڻي ۾ "مدني چينل" جي سالگرهه

ڀرپور سنتن ڀريل بيان سان ملهائي وئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي دعوت اسلامي جي مرڪزفيضان مدينه ۾ خالص ديني اسلامي " مدني چينل" جي 17 هين سالگرهه تلاوت قرآن پاڪ، حمد و نعت ۽ عشق رسول صلي الله عليه وسلم سان ڀرپور سنتن ڀريل بيان سان ملهائي وئي. انهيءَ موقعي تي دعوت اسلامي جي مبلغ فدا حسين عطاري بيان ڪندي چيو ته ديني اسلامي تعليمات حاصل ڪرڻ لاءِ مدني چينل هر گهر جي هر فرد لاءِ تمام ضروري آهي. مدني چينل ذريعي اسان جي ديني تعليم ۾ وسيع تر معلومات ٿي رهي آهي، مدني چينل معاشري جي هر عمر جي فرد نوجوان، پڪي پوڙهي، شهرن، ڳوٺن، مسلم غير مسلم سڀني لاءِ يڪجاءِ انسانيت جي ساڻ محبت ۽ عشق رسول الله صلي الله عليه وسلم جي تعليمات جو ڀرپور خزانو ملي رهيو آهي. مدني چينل قرآن پاڪ جي تعليمات، شريعت پاڪ جي خوشبودار ماحول بابت اسان کي زندگي ڪيئن گذارڻ گهرجي سميت هڪ بيمثال اصلاحي چينل آهي. هن چيو ته هي دنيا جو واحد ٽي وي چينل آهي جيڪو ناچ گانن، سازن، دهل دهمانن کان مڪمل طور پاڪ آهي. هي مدني چينل اشتهارات ۽ عورت کان بغير مقبول ترين ثابت ٿيو آهي. مدني چينل ۾ انساني زندگيءَ کي صحيح معني ۾ اصولن، ضابطن ۽ قاعدن مطابق گذارڻ جا ڏگ پيچرا ڏسيا وڃن ٿا. مدني چينل نوجوان نسل جو پسنديده ٽيليويزن چينل آهي. خاص ڪري رمضان المبارڪ جي سحري ۽ افطاري جي نشريات ۾ "سحر نور" پروگرام جڳ مشهور پروگرام راهه هدايت جو بهترين ذريعو بڻجي آهي. هن چيو ته رب العالمين جا ڪروڙين اربين بيشمار احسانات جو اسان کي آقا ڪريم صلي الله عليه وسلم جي امت ۾ پيدا ڪيو. مسلمانن جي لاءِ عظيم سعادت جو ڪلمي پاڪ جي متبرڪ مبارڪ نعمت عظمه سان نوازيو ويو آهي. مسلمان ٿيڻ بعد رب پاڪ جا احسان عظيم جو عقيده اهلسنت اعلي حضرت مطابق زندگي عطا فرمائي آهي. هن چيو ته مدني چينل کي دل جي گهراين ۽ توجهه سان ڏسي ٻڌي قلبي قرار حاصل ڪري سگهجي ٿو. هي مدني چينل رب العالمين ۽ آقا و مولا حضرت محمد مصطفي صلي الله عليه وسلم جي محبت جو جام پيئاري رهيو آهي. مدني چينل جي وڏي ۾ وڏي اها خوبي آهي ته اسلام جو صحيح عڪس تصوير پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

نيوي ۾ مستقل ڪميشن ٽرم 2025_ B ذريعي

پي اين ڪيڊٽ طور شموليت اختيار لاءِ 23 مارچ

تائين رجسٽريشن جو عمل جاري رهندو: پڌرائي

سکر (بيوروريورٽ) پاڪستان نيوي ۾ مستقل ڪميشن ٽرم 2025_ Bذريعي پي اين ڪيڊٽ طور شموليت اختيار ڪرڻ لاءِ 23 مارچ 2025 ع تائين رجسٽريشن جو عمل جاري رهندو. پاڪستان نيوي ڀرتي سينٽر سکر پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب اهڙا پاڪستاني مرد اميدوار جن ميٽرڪ/ ايف ايس سي (انٽرميڊيٽ) يا او ليول/ اي ليول لاڳاپيل مضمونن ۾ 60 سيڪڙو نتيجي سان پاس ڪئي هجي، رجسٽريشن لاءِ اهل ليکيا ويندا. پڌرائي موجب ايف ايس سي (پري انجنيئرنگ) پارٽ۔ٽو جا اهي شاگرد جن پارٽ ـ ون جو امتحان لاڳاپيل سبجيڪٽس ۾ 65% سان پاس ڪيو هجي، پڻ رجسٽريشن لاءِ اهل هوندا. پڌرائي ۾ سويلين غير شادي شده اميدوارن لاءِ عمر جي حد ساڍا سورنهن سالن کان 21 سال، جڏهن ته آرمڊ فورس سروسز جي اميدوارن لاءِ 17 سالن کان 23 سالن تائين عمر هجڻ جو شرط رکيو ويو آهي

پيرومل ۾ مختلف ڌرين پاران درياهه تي ڏاڙو هڻڻ خلاف احتجاجي ريلي

ريلي ۾ ف ليگ، عوامي فورم، پاڪستان خاصخيلي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي شرڪت

زرداري سنڌ جو هئڻ جي باوجود سنڌ سان ظلم ڪري ڇڏيو آهي، سنڌ جو سوچڻو پوندو: فقير عبدالغفار

سنڌ جي وسيلن تي ڪنهن کي به قبضو ڪرڻ جي اجازت نه اڳ ڏني آهي نه وري هاڻي ڏينداسين: مشتاق خاصخيلي

سانگهڙ (رپورٽ آفتاب مري) گذريل ڏينهن شهر پيرومل ۾ سنڌو درياءَ مان پنجاب ۾ غيرقانوني زبردستي سنڌ جي پاڻي جي رستا روڪ ڪرڻ خلاف/ڏسو صفحو 2 بقايا 1

احتجاج
سنڌو درياءَ تي 6 نوان ڪئنال نامنظور
سنڌو تي ڏاڙو نامنظور
پيرومل جي عوام

سانگهڙ: پيرومل ۾ مختلف ڌرين پاران ڪئنالن خلاف ريلي ڪڍي پئي وڃي

پاڪستان نيوي 301 ڪريڪ هيڊڪوارٽر پاران مختلف ڳوٺن ۾ روزا افطار جا پروگرام ڪيا ويا

سجاول (رپورٽر) پاڪستان نيوي 301 ڪريڪ هيڊڪوارٽر طرفان رمضان شريف ۾ مختلف ڳوٺن ۾ روزا افطار جا پروگرام ڪيا ويا. ان سلسلي /ڏسو صفحو 2 بقايا 2

سنڌو تي ڏاڙو نامنظور، تڪراري ڪئنال نامنظور، استادن ۽ شاگردن جو احتجاج

گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول سيدپور جي استادن ۽ شاگردن وفاق خلاف نعريبازي ڪئي

سنڌو درياهه جي پاڻي تي سنڌي قوم جوئي حق آهي، ڪنهن کي به قبضو ڪرڻ نه ڏبو: استاد

جيڪڏهن ڇهه ڏاڙيل ڪينال ڪڍيا ويا ته سنڌ جي سرسبز ڌرتي بنجر بڻجي ويندي: خطاب

فريدآباد (رپورٽ سڪندر علي بروهي) سنڌو تي ڏاڙو نامنظور. تڪراري ڪينال نامنظور. اسڪول جي شاگردن جو احتجاج. سنڌو درياهه مٿان 6 تڪراري/ڏسو صفحو 2 بقايا 3

سکر ۾ پيپلز ليبر بيورو پاران افطار پارٽي جو اهتمام، اهم اڳواڻن جي شرڪت

سکر (بيوروروپورٽ) پيپلز ليبر بيورو سکر ڊويزن جي صدر اڪبر سارنگ چانڊيو پاران پيپلز ليبر بيورو /ڏسو صفحو 2 بقايا 6

سجاول: عدالت پاران گٽڪي ڪيس ۾ سزا ٻڌايل جوابدار

سجاول عدالت پاران گٽڪي ڪيس ۾ ٻن جوابدارن کي 3_3 سال سزا

جوابدار رحيم خان پناڻ ۽ عبدالمتيم پناڻ تي ڏوهه ثابت، 2_2 لک ڏنڊ

جج محمد بچل ڀهوڙ جي عدالت ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدارن کي سزا ٻڌائي

سجاول (رپورٽر) سجاول جي عدالت گٽڪو وڪرو جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٻن جوابدارن کي ٽي ٽي سال قيد ۽ ٻه ٻه لک روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي. /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

ماحولياتي ۽ موسمياتي مسئلن جو حل وڻڪاري سان جڙيل آهي: ذوالفقار علي

وڻڪاري مهم هلائڻ سان گڏ وڻڪاري جي اهميت ۽ فائدن بابت آگاهي پيدا ڪيون پيا

ساڃاهه وند ماحول کي بچائڻ، سنڌ جي بقا لاءِ وڻڪاري جاڳرتا ڪرڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سماجي تنظيم گرين سنڌ فائونڊيشن طرفان وڻڪاري مڃتا تقريب منعقد ڪئي وئي. ان موقعي تي تقريب کي/ڏسو صفحو 2 بقايا 5

راٽيپور ۾ سنڌ جو معمار تڪراري ڪئنالن خلاف روڊ تي، اپ ڏاريندڙ نعرا

شاگردن ۽ استادن هٿن ۾ بينر کڻي شوڪت علي گهانگهرو جي اڳواڻي ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرايو

سازش تحت پنجاب جون بنجر زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ سنڌ کي غير آباد بڻايو پيو وڃي: شوڪت علي

سنڌ دشمن رٿا کي واپس وٺي سنڌ قوم ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي: آفتاب احمد خاصخيلي ۽ ٻيا

راٽيپور (رپورٽر) اسان کي وڌيڪ ڪئنال نه ٿا کپن، سنڌو اسان جو جياپو آهي، اسڪولي ٻارڙا به هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ نعرا وارا بينر کڻي نڪري پيا،/ڏسو صفحو 2 بقايا 7

ميهڙ پريس ڪلب
MEH SS CLUB

ميهڙ: عورتون مردن سميت معصوم ٻارڙي جو لاش کڻي انصاف لاءِ احتجاج ڪندي

راڌڻ ڦاٽڪ واسڻ جو عزيزن سميت پوٽي جو لاش کڻي انصاف لاءِ احتجاج

پوٽي کي ناني ذڪيه، سبحانه ۽ ڀين گهٽا ڏئي قتل ڪيو آهي: حبيبه جو الزام

پٽ ۽ گهرواري جو طلاق وارو معاملو به هلي پيو، پٽ به گم آهي: والده حبيبه

ميهڙ (ن.پ) ميهڙ ۾ راڌڻ ڦاٽڪ واسڻ عورت حبيبان زال دادن جانوري جو مائٽن سميت هڪ ڏينهن اڳ تازو ڄاول معصوم نياڻي جي لاش سميت /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

لاڙڪاڻي ۾ باقراڻي جي ڳوٺاڻن جو ناري جي بازيابي لاءِ احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي باقراڻي جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 29

نصير آباد ۾ وارڊ نمبر 12 جي ڪائونسلر خلاف مظاهرو

نصيرآباد (رپورٽ اعظم ٽڳڙ) جنگي واهه نوجوان/ڏسو صفحو 2 بقايا 28

ٽينڪر ڦر ڪيس جا جوابدار عدالت ۾ پيش، چئن ڏينهن جو رمانڊ

محمد دائود ڪبر جي عدالت ۾ جوابدارن ڪيس جي ٻڌڻي لاءِ پيش ڪيو ويو

فرسٽ جوڊيشل مئجسٽريٽ جوابدارن کي چئن ڏينهن لاءِ پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

ڪنڊيارو (ن پاڪ) ٽينڪر ڦر ڪيس جا جوابدار عدالت ۾ پيش ڪنڊيارو ۾ سرنهن جي تيل سان ڀريل ٽينڪر ڦرواري معاملي ڪيس /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

ڳيريلو ۾ عورت جو پاڪ ڪتاب کڻي پٽ جي گرفتاري خلاف احتجاج

پٽ تي الزام بي بنياد آهن، ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايو ويو آهي: روشن خاتون

پٽ مسڪين ۽ شگر جو مريض آهي، هو بنا جواز ٿاڻي ۾ قيد آهي: والده

ڳيريلو (ن پاڪ) ڳيريلي ۾ سالي کي اغوا ڪيس ۾ گرفتار نوجوان جي امڙ جو پاڪ ڪتاب کڻي پوليس ۽ جوابدارن خلاف احتجاج،/ڏسو صفحو 2 بقايا 26

ڳيريلو: عورتون پاڪ ڪتاب کڻي پوليس ۽ نوجوان جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪندي

دادو ۾ ڦر دوران مزاحمت تي زخمي ٿيل ڦورو فوت

ڦورو اسد شاهاڻي زخمن جي سٽ نه سهندي سيوهڻ اسپتال ۾ دم ڏنو

سبزي منڊي پرسان ٽي ڏينهن اڳ ڦر دوران مزاحمت تي ڦورو زخمي ٿيو هو

دادو (ڊ ر) _ دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد سبزي منڊي پرسان ٽي ڏينهن اڳ ڦر مزاحمت دوران زخمي ٿيل ڦورو اسد شاهاڻي زخمن جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 25

سکر ۾ راهوجا برادري جو جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

3 ڏينهن اڳ حملو ڪندڙ هن مهل تائين آزاد گهمي رهيا آهن: مظاهرين

واقعي جو ڪيس داخل ٿيڻ جي باوجود پوليس هڪ به جوابدار کي ناهي پڪڙيو

سکر (بيوروروپورٽ) سکر جي سائيٽ ايريا واري علائقي جي ڳوٺ راهوجا جي رهواسي راهوجا برادري جي ماڻهن طرفان گهر تي حملو ڪندڙ جوابدارن جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 24

آپڪا پاپوليشن سنڌ جي صدر سنڌ سرڪار کي خط لکي ڇڏيو

پيرل دايو مسئلن جي حل لاءِ وڏي وزير، چيف سيڪريٽري ۽ ٻين کي خط اماڻيو

برطرف 18 ملازمن کي بحال ۽ 450 کي ريگيولر ڪيو وڃي: پيرل دايو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) آپڪا پاپوليشن سنڌ جي صوبائي صدر پيرل دايو طرفان ملازمن جي جائز مسئلن جي حل لاءِ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

راٽيپور ۾ حدخلين خلاف آپريشن، دڪاندارن جو احتجاج، گرفتار، شٽربند هڙتال

اي سي سوڀوديرو جي حدخلين خلاف ڪاروائي، ريڙهي، ڇپر ۽ غيرقانوني اڏايل ڏڪا ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا

ڪيترائي دڪاندار گرفتار، شهر ۾ جزوي هڙتال، شهرين جو ٿاڻي آڏو ڌرڻو، مظاهرو، ڳالهين بعد گرفتار دڪاندار آزاد

اي سي سوڀوديرو پنهنجي عهدي جو ناجائز فائدو وٺي اسان شهرين سان غلط رويو اختيار ڪري رهيو آهي

راٽي پور (رپورٽر) راٽي پور ۾ اي سي سوڀوديرو جي حدخلين خلاف ڪاروائي، ريڙهي، ڇپر ۽ غيرقانوني اڏايل ڏڪا ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا، ڪيترائي دڪاندار گرفتار، شهر ۾ جزوي هڙتال، شهرين جو ٿاڻي آڏو ڌرڻو، مظاهرو، ڳالهين بعد/ڏسو صفحو 2 بقايا 30

راٽيپور: اي سي خلاف شهري احتجاج ڪندي، ٻي پاسي شهر بند پيل آهي، ڪجهه شهرين کي گرفتار ڪيو پيو وڃي

ملهه پهلوان جو سجاول پهچڻ تي شاندار استقبال، انتقام جو نشانو بڻايو ويو: اياز شاهه

شهر جي قومپرست ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهرين پاران ملهه پهلوان کي پٽڪو ٻڌرايو ويو

اليڪشن ۾ ظالم وڏيرن سان مهاڏو اٽڪايو تنهن ڪري ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسايو ويو: ملهه پهلوان

جيل جون سختيون سهڻ بعد به حق سچ جي راهه تي هلڻ جو وچن ڪيو آهي: صحافين سان ڳالهيون

سجاول (رپورٽر) ملهه پهلوان اياز شاهه بخاري جو بدين مان آزادي بعد سجاول پهچڻ تي قومپرست ۽ سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شهرين پاران استقبال ڪيو ويو ان سلسلي ۾ ڪجهه مهينا اڳ مختلف ڪيسن ۾ بدين جيل مان قيد/ڏسو صفحو 2 بقايا 31

ڊي اي او خيرپور پاران امتحاني مرڪز جو دورو، استادن پاران بريفنگ

خيرپور (رپورٽر) گورنمينٽ گرلز پرائمري ناصر پبلڪ اسڪول ۾ ساليانو امتحان منظم طريقي سان جاري آهي، جڏهن ته گذريل ڏينهن ڊسٽرڪٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا 32

خيرپور: ڊي اي او اسڪول ۾ هلندڙ امتحان دوران جائزو وٺي رهيو آهي

ڪنڊيارو ۾ ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽڪر ۾ 2 ڄڻا زخمي

قومي شاهراهه ٽول پلازه وٽ حادثو پيش آيو، زخمي اسپتال داخل

زخمين جي سڃاڻپ ڳوٺ خدابخش ڪوسو واسي فوجي مدثر ۽ محمد زمان ڪوسو طور ٿي

ڪنڊيارو (ن پاڪ) ڪنڊيارو ۾ ٽريڪٽر ٽرالي جي ٽڪر ۾ 2 ڄڻا زخمي، نواب شاهه اسپتال منتقل ڪنڊيارو قومي شاهراهه ٽول پلازه وٽ ٽريڪٽر ٽرالي/ڏسو صفحو 2 بقايا 33

سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ سنڌ کي ويران ڪرڻ جي سازش آهي: محسن سجاد اتراءِ

سنڌ جي آبادي جو وڏو حصو معاشي طور تي زراعت تي منحصر آهي

سنڌ کي بنجر بڻائڻ جي سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو: جاري ڪيل بيان

سکر (بيوروروپورٽ) مجلس وحدت مسلمين ضلعي صدر سکر ايڊووڪيٽ محسن سجاد اتراءِ پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته پاڪستان هڪ زرعي ملڪ آهي ان جي آبادي جو وڏو حصو معاشي طور تي زراعت تي منحصر آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا 34

”نوان ڪئنال رٿا واپس ڪيو“ ڏوڪري ۾ وڪيلن جو احتجاجي مظاهري بعد ڌرڻو

سنڌو درياهه مان ڇهه ڪئنال اڏڻ سنڌ جي لکين ايڪڙ زرعي زمين غير آباد ڪرڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي: سينيئر وڪيل سرمد علي

سنڌو درياهه تي ڏاڙو هڻڻ ڪڏهن به نه ڏينداسين، سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ تيزي سان وڌي رهي آهي: رفيق احمد

سنڌ دشمن رٿائون، پيڪا بل ۽ 26 آئيني ترميم بل واپس ورتو وڃي، ٻي صورت وڌيڪ احتجاج ڪيو ويندو: الطاف حسين ڪوڪر

ڏوڪري (قاضي سهيل) سنڌو درياهه تي غير قانوني 6 ڪئنال اڏڻ، پيڪا ايڪٽ ۽ 26 آئيني ترميم خلاف ڏوڪري لاڙڪاڻو بار سنئير وڪيل /ڏسو صفحو 2 بقايا 35

ڪوٽڙي ڪبير ۾ سيد برادري پاران ڳوٺ جي بااثر خلاف احتجاج

بااثر مال جي پيل کان روڪڻ تي رڻ ٻاري ڏنو آهي: نثار شاهه

گهرن ڏي ايندڙ ويندڙ رستو به بند ڪري ڇڏيو آهي، پريشان آهيون

ڪوٽڙي محمد ڪبير (ن پاڪ) ڳوٺ معين شاهه جي رهواسين جيڪي سيد ذات سان تعلق رکن ٿا، پريس ڪلب ڪوٽڙي محمد ڪبير آڏو سخت احتجاج /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

ڪوٽڙي ڪبير: سيد برادري جا ماڻهو ڳوٺ جي بااثر خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

روهڙي ۽ پرپاسي ملاوٽ ٿيل ڪيرو ڪرو ٿيڻ لڳو، وڊيو وائرل، انتظاميا ننڊ ستل

شهر ۽ پرپاسي منافعي خور پلاري مهيني ۾ به عوام جي زندگين سان سرعام کيڏڻ لڳا

انتظاميا جون زندگيون بچائڻ جي لاءِ عملي قدم کنيا، خاموشي جو روزو پڻ رکي ڇڏيو

ذميوارن خلاف فورن ڪارروائي نه ڪئي وئي ته اي سي آفيس اڳيان احتجاج ڪبو: شهري

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ۾ انتظاميا جي لاپرواهي سبب شهر ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ رمضان شريف جي پلاري مهيني ۾ به ملاوٽ ۽ ڪيميڪل وارو ڪير وڪرو ٿيڻ لڳو ڪيميڪل مليل ڪير واپرائڻ سبب ماڻهو بيمارين ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

سيوهڻ: جوهي واسي پيرسن ٽپيدار، مختيارڪار خلاف احتجاج ڪندي

لاڙڪاڻي ۽ پرپاسي رمضان آرڊيننس جي ڀڃڪڙي پئي ٿئي: پي ايس ٽي

انتظاميه ۽ پوليس جي سرپرستي ۾ هوٽلون ۽ واهپي جا دڪان هلي رهيا آهن

لاڙڪاڻي کي ننڌڻڪو بڻايو ويو آهي، عوامي کي پلاري مهيني ۾ رليف نه پيو ملي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پاڪستان سني تحريڪ ڊويزن لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري شمس الدين سروهي چيو آهي ته ضلعي /ڏسو صفحو 2 بقايا 9

سيوهڻ ۾ جوهي جي پيرسن آبادگار جو احتجاج

ٽپيدار، مختيارڪار، اي سي ۽ بئنڪ مئنيجر 3 لک 26 هزار ڦريا آهن: ايم يوسف

شڪايت ڊي سي دادو کي ڏني پر مونسان انصاف نه ڪيو ويو: پيرسن جي دانهن

سيوهڻ (ن پاڪ) جوهي واسي پيرسن آبادگار جو ٽپيدار ارشاد لغاري مختيارڪار جوهي، اي سي جوهي ۽ زرعي بئنڪ مينيجر جي زيادتين خلاف /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

سول اسپتال سکر ۾ ٻارن جي وارڊ ٻاهران سيڪيورٽي گارڊن پاران هٿيارن جي کليل نمائش

بغير ٽريننگ جي مقرر ٿيل سيڪورٽي گارڊن جي مقرري سبب عوام جون زندگيون داءُ تي

پستول کي هٿ ۾ رکڻ يا ٽرگر تي آڱر رکي سيڪيورٽي پروٽوڪول جي خلاف ورزي ڪرڻ لڳا

اسپتال جي ماحول کي پرامن بڻائڻ لاءِ سيڪيورٽي گارڊن کي تربيت ڏني وڃي: شهرين جو مطالبو

سکر (رپورٽ: شڪيل عاجز) سول اسپتال سکر جي ٻارن جي وارڊ ٻاهران سيڪيورٽي گارڊن پاران هٿيارن جي کليل نمائش مريضن ۽ انهن جي سنڀال ڪندڙن لاءِ خوف جي علامت بڻجي وئي آهي. اڳ ۾ ئي، والدين جيڪي بيمار ٻارن جي علاج لاءِ پريشان آهن، اسپتال جي ٻاهران هڪ ٻئي خوفناڪ منظر کي منهن ڏئي /ڏسو صفحو 2 بقايا 11

تيز گام وڏي حادثي کان بچي وئي، جاني نقصان نه ٿيو

ڊرائيور جي بروقت هوشياري سبب مسافر ٽرين حادثي کان بچي وئي

روهڙي ريلوي اسٽيشن پرسان ٽرين جي هڪ بوگي پٽڙي تان لهي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) ڪراچي کان لاهور ويندڙ تيز گام ايڪسپريس جي هڪ بوگي ٽريڪ تان لهي وئي، مسافرن ۾ خوف ان سلسلي ۾ ريلوي ڪراچي/ڏسو صفحو 2 بقايا 12

سکر: تيز گام جي بوگي پٽڙي تان لٿل نظر اچي رهي آهي

خيرپور ۾ سنڌ سمال انڊسٽريز ملازمن جو پگهارن لاءِ احتجاج

7 مهينن کان پگهار بند آهي، معاشي مسئلن کي منهن ڏيون پيا: خالد سمنگ

بنيادي مسئلو ترت حل نه ڪيو ويو ته انتهائي قدم کنيو ويندو: تسڪينه زيدي

خيرپور (ڊ ر) سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن ايمپلائيز يونين/ڏسو صفحو 2 بقايا 13

سنڌو درياهه تي ڪئنال ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيا ويندا: خاور شاهه

اسان سنڌو درياءَ تي ڪئنال ٺاهڻ جي مخالفت ڪريون ٿا، وفاق ضد تان لهي

ڪو به سنڌ واسي وفاقي حڪومت جي سنڌ دشمن فيصلي کي قبول نه ڪندو

ڪئنالن کي مڪمل رد ڪيون ٿا، حڪمران عوام جو احساس ڪن: ڳالهيون

پٽ شاهه (ن پاڪ) سنڌو درياهه تي ڪئنال ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيا ويندا درگاهه ڀٽائي جي قائم مقام سجاده نشين سيد خاور حسين شاهه لطيفي پاران سنڌو دريا تي ڪئنالن ٺاهڻ جي مخالفت /ڏسو صفحو 2 بقايا 14



پٽ شاهه: عورتن جي عالمي ڏينهن حوالي سان ڪوٺايل سيمينار جو ڏيک

لاڙڪاڻي ۾ ڳوٺاڻن جو قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

پوليس رياض جا قاتل پڪڙڻ بجاءِ هٿ تي هٿ رکي ويهي رهي آهي: ڪبريٰ بروهي

ڪوتاهي ڪندڙ اهلڪارن خلاف ڪارروائي ۽ قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي انصاف ڪيو وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي رتوديرو جي ڳوٺ نور محمد بروهي جي رهواسين طرفان مبينا طور قتل ٿي ويل پورهيت جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 21

لاڙڪاڻي ۾ سپلا جو مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين: ملهار سنڌي

بورڊ ٽو ۽ ون جو انعقاد توڙي جبري برطرفين جو سلسلو بند ڪيو وڃي: لعل بخش

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ پروفيسر اينڊ ليڪچررس ايسوسيئيشن سپلا طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه پنجين ڏينهن به /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

ڪڪڙ ۾ درزي يونين پاران چوري جي واپسي لاءِ احتجاج

پوليس ٻه ڏينهن گذرڻ باوجود چوري واپس ناهي ڪرائي: عبدالعزيز

بدامني چوٽ چڙهيل آهي، چوري جون وارداتون وڌي ويون آهن: آصف منگي

ڪڪڙ (ن پاڪ) ڪڪڙ ۾ بدامني خلاف درزي يونين پاران پوليس جي نااهلي ۽ درزڪي دڪان مان ٿيل چوري واپس نه ڪرائڻ خلاف احتجاجي /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

ڪڪڙ: درزي يونين پاران چوري ٿيل سامان جي واپسي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ سنڌ سمال انڊسٽريز جو پگهارن لاءِ دهل وڄائي احتجاج

ملازم 20 ڏينهن به فرازچنا اڳواڻي ۾ علامتي بک هڙتال تي ويٺل، نعريبازي

پگهارون نه ملڻ سبب گهر ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه ناهي، نوٽيس وٺي داد رسي ڪئي وڃي: ملازم

دادو: (ڊ ر) 20 ڏينهن کان علامتي بک هڙتال تي ويٺل سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن جي ملازمن دهل وڄائي انوکو احتجاج ڪيو/ڏسو صفحو 2 بقايا 18

نوشهروفيروز ويجهو شاگرد تڪراري ڪئنالن خلاف سراپا احتجاج

وفاق ڪئنال ڪڍي سرسبز شاداب سنڌ کي برباد ڪري رهيو آهي: شاهد حسين

سنڌ جو عوام ڪئنال ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪون ڪندو: اڳواڻن جو خطاب

نوشهروفيروز (ڊ ر) گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول مڇر ۾ اسڪول جي شاگردن هيڊ ماستر شاهد حسين وسطڙو ۽ سمورن استادن/ڏسو صفحو 2 بقايا 17

ڏوڪري پوليس پاران منشيات فروش کي پڪڙڻ جي دعويٰ

چيڪنگ دوران صدام کي گرفتار ڪيو ويو: ايس ايڇ او ڏوڪري

جوابدار جي قبضي مان 1950 گرام چرس پڻ مليو آهي: مختيار احمد ڀلڪاٽي

ڏوڪري (قاضي سهيل) ڏوڪري پوليس چيڪنگ دوران منشيات فروش کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا ايس ايڇ او ڏوڪري مختيار احمد ڀلڪاٽي/ڏسو صفحو 2 بقايا 16

معاشري ۾ عورتن جو ڪردار تمام وڏو آهي: رانا غلام نبي راجپوت

عورت کان سواءِ اسان جو هي معاشرو اڻ مڪمل آهي: بهادر خان ابڙو

شاهه لطيف به عورتن کي گهڻو ڳايو آهي: عورتن جي عالمي ڏينهن تي خطاب

پٽ شاهه (ن پاڪ) پٽ شاهه ۾ هيومن رائيٽس پروٽيڪشن اينڊ سوشل جسٽس طرفان مرڪزي چيئرمين رانا غلام نبي راجپوت جي قيادت ۾ سنڌ /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

سنڌ فنڪار اتحاد پاران ڪئنال ڪڍڻ خلاف اڄ ريلي ڪڍڻ جو اعلان

ريلي ۾ شرڪت لاءِ سياسي سماجي ادبي شخصيتن کي دعوتون ڏنيون ويون

هي ڪنهن جو به انفرادي مسئلو ناهي سڄي سنڌي قوم جو مسئلو آهي: فياض لاشاري

ريلي اڄ جهاز چوڪ کان لکيدر تائين ڪڍي ويندي، عوام ڀرپور شرڪت ڪئي: چيئرمين

شڪارپور (مير امتياز علي مري) سنڌ فنڪار اتحاد طرفان /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

شڪارپور: سنڌ فنڪار اتحاد جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

اي سي جا سرحد ۾ ڇاپا، دڪانن، هوٽلن جو دورو، اگهه چيڪ

اي سي نويد علي ڪوڪر رمضان آرڊيننس تي عمل نه ٿيڻ تي دورو ڪيو

پيٽرول ۾ هيرا ڦيري ٿيڻ تي اي سي پيٽرول پمپ کي سيل ڪرڻ جو حڪم ڏنو

گهوٽڪي (رپورٽ حاجي محمدمهر) رمضان المبارڪ دوران حڪومت طرفان مقرر ڪيل ضابطن تي عمل نه ٿيڻ خلاف اسسٽنٽ ڪمشنر /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

عباسي اتحاد سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ جي امڙ لاڏاڻو ڪري وئي

ڪنڊيارو (ن پاڪ) عباسي اتحاد سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ جي امڙ وفات ڪري وئي عباسي اتحاد سنڌ جي مرڪزي اڳواڻ بشير احمد عباسي ۽/ڏسو صفحو 3 بقايا 3

ذوالفقار ڀٽو جي ورسي: پ پ تعلقي ڄام نواز علي جو اجلاس، تيارين جو جائزو

پ پ تعلقي صدر نوابزاده ڄام ظهير علي خان اهم اجلاس جي صدارت ڪئي

ذالفقار علي ڀٽو اسان پ پ پ ڪارڪنن لاءِ هڪ سياسي نظريو آهي: ڄام ظهير

ڄام نواز علي (سليم لسڪاڻي) ڄام نواز علي مان شهيد ذالفقار علي ڀٽو جي ورسي ۾ شرڪت جي تيارين لاءِ پ پ پ تعلقه ڄام نواز علي جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 5

10 سال گذرڻ باوجود علي اصغر منگريو بازياب نه ٿيو، وارثن جو احتجاج جاري

نينگر جي والد زاهد حسين منگريو جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪئمپ قائم

پينگ گهرندڙن جا نالا کڻڻ جي باوجود پوليس هن مهل تائين ڪو به تحرڪ ناهي ورتو: زاهد منگريو

هڪ سال کان مٿي احتجاج ڪيان پيو، پر هن مهل تائين پٽ جي ڪا خبر ناهي پئي: نينگر جو والد

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پريس ڪلب اڳيان معصوم علي اصغر منگريو اغوا ٿيل جي بازيابي لاءِ 524 هين ڏينهن رمضان شريف ۾ به لڳاتار رات/ڏسو صفحو 3 بقايا 6

ٺٽو: پي ٽي آءِ اڳواڻ صحافين سان ڳالهائي رهيا آهن

لاڙڪاڻي پ پ جي ضلعي جنرل سيڪريٽري سان ڪارڪنن جون ملاقاتون

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي/ڏسو صفحو 3 بقايا 9

پي ٽي آئي ضلعي ٺٽو اڳواڻن پاران تاجر اتحاد جي نئين باڊي کي واڌايون

نئين باڊي جي چونڊ هڪ اهم قدم آهي: سيد امجد شاهه

پي ٽي آءِ قيادت تاجر اتحاد جي نئين باڊي سان گڏ آهي: ضلعي صدر

ٺٽو (رمضان ميمڻ) پي ٽي آئي ضلعي ٺٽي جا اڳواڻ ضلعي/ڏسو صفحو 3 بقايا 7

مڙس گهران ڪڍي ڇڏيو آهي، دربدري جي زندگي گذاري رهي آهيان: عزيزان لنڊ

سيناريجا (ن پاڪ) سيناريجا پرسان ڳوٺ غلام اڪبر لنڊ /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

ڪي اين شاهه ۾ صحافين جي سڏ تي درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف احتجاج

آصف گاڏهي جي اڳواڻي ۾ شهرين ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن احتجاجي جلوس ڪڍيو

پاڻي جي منصفاڻي ورڇ جي ٽيلي ميٽري سسٽم کي فعال بڻايو وڃي: آصف گاڏهي

جيڪڏهن 6 نوان ڪئنال ٺهيا ته سنڌ جون زمينون غيرآباد ۽ بنجر بڻجي وينديون: سول سوسائٽي

خيرپور ناٿن شاهه (قربان ٻگهيو) سنڌو مان 6 ڪئنال ڪڍڻ خلاف پنهنجي پريس ڪلب جي سڏ تي آصف گاڏهي جي اڳواڻي ۾ شهرين ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب اڳيان روڊ بند ڪري ڇڏيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

ڪي اين شاهه: صحافين جي سڏ تي سنڌ دشمن منصوبن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سمر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي-آر-آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي